Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
ايڈيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8
ڪراچي

جلد :12 | سومر 23 آڪٽوبر 2023ع بمطابق 07 ربيع الثاني 1445ھ | شمارو: 12 | قيمت 10 روپيا

وفاقي حڪومت طرفان جمع ڪرايل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته 9 ۽ 10 مئي جي واقعن جي روشني ۾ 102 ماڻهو گرفتار ڪيا ويا

9 مئي سانحو: فوجي عدالتن ۾ سويلينز جو ٽرائل شروع، حڪومت سپريم ڪورٽ کي آگاهه ڪري ڇڏيو

درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته فوجي عدالتن ۾ ٽرائيل دوران ڏوهاري ثابت نه ٿيڻ تي بري ٿي ويندو ۽ فوجي عدالتن ۾ ٽرائيل سپريم ڪورٽ جاري ڪيس جي فيصلي سان مشروط ٿيندو

وفاقي حڪومت طرفان داخل ڪيل درخواست چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جي 3 آگسٽ جي حڪر نامي جي روشني ۾ عدالت کي ٽرائلز جي شروعات کان آگاهه ڪيو ويو

9 مئي سانحي بابت فوجي عدالتن ۾ سويلينز جو ٽرائيل شروع ٿي ويو آهي ۽ وفاقي حڪومت سپريم ڪورٽ کي ان سلسلي کان آگاهه ڪري ڇڏيو

ملوث ماڻهو جيڪي ڏوهه موجب جيل کانٻي چڪا آهن انهن کي آزاد ڪيو ويندو، جڏهن ته فوجي ٽرائيل کان پوءِ قانون موجب سزائن خلاف ڏوهاري يافته ماڻهو لاڳاپيل فورم سان رابطو ڪري سگهندا

گرفتار ڪيل ماڻهو جي ايڇ ڪيو، راولپنڊي ۽ ڪور ڪمانڊر هائوس لاهور تي حملي ۾ ملوث آهن گرفتار ماڻهو پي ايف بيسن ميانوالي، آءِ ايس آءِ سول لائين فيصل آباد تي حملي ۾ به ملوث آهن

اسلام آباد (بيورو) 9 مئي سانحي بابت فوجي عدالتن ۾ سويلينز جو ٽرائيل شروع ٿي ويو آهي ۽ وفاقي حڪومت سپريم ڪورٽ کي ان سلسلي کان آگاهه ڪري ڇڏيو. وفاقي حڪومت طرفان عدالت کي گڏيل درخواست ۾ سويلينز جي فوجي عدالتن ۾ ٽرائيل کان آگاهه ڪيو ويو آهي. وفاقي حڪومت طرفان داخل ڪيل درخواست چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جي 3 آگسٽ جي حڪر نامي جي روشني ۾ عدالت کي ٽرائلز جي شروعات کان آگاهه ڪيو ويو آهي. فوجي تحويل ۾ ورتل ماڻهن کي پاڪستان آرمي ايڪٽ 1952ع آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت گرفتار ڪيو ويو هو. گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01


ڪراچي: نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر اعلىٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

گئس جي قيمتن ۾ ايندڙ مهيني کان 193 سيڪڙو تائين واڌ جو امڪان، قيمتون وڌائڻ جي سمري سومر تي اقتصادي رابطه ڪميٽي جي اجلاس ۾ پيش ڪرڻ جو امڪان

آءِ ايم ايف جا شرط پورا ڪرڻ لاءِ گئس جي قيمتن ۾ 193 سيڪڙو تائين واڌ جو فيصلو

نگران حڪومت عالمي مالياتي فنڊ سان 70 ڪروڙ ڊالر جي ٻئي قسط لاءِ اقتصادي جائزي تي ڳالهيون شروع ٿيڻ کان اڳ گئس جي قيمتن ۾ واڌ بابت فيصلو ڪري ورتو

ٻئي ڪيٽيگريز لاءِ گئس جي قيمت ۾ تقريبن 193 سيڪڙو تائين واڌ جي تجويز ڏيندي پروٽيڪٽڊ صارفين لاءِ فڪسڊ ماهوار چارجز 10 مان وڌائي 400 روپيه ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي

پيٽروليم ڊويزن جي سمري ۾ گئس جو ٽيرف 193 سيڪڙو تائين وڌائڻ ۽ گهربلو صارفين لاءِ گئس 172 سيڪڙو تائين مهانگي ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي

سي اين جي سيڪٽر لاءِ گئس جو ٽيرف 4400 روپيه في ايم بي ٽي يو جڏهن ته بجلي جي ڪارخانن ۽ تندرون لاءِ گئس جون قيمتون برقرار رکڻ جي تجويز ڏني وئي

برآمدي انڊسٽريز جي ٽيرف ۾ 950 روپيه، ايڪسپورٽ انڊسٽريز جو ٽيرف 2050 روپيه، غير برآمدي صنعتن جي ٽيرف ۾ 1400 روپيه، غير برآمدي صنعتن جو ٽيرف 2600 روپيه ڪرڻ جي تجويز

اسلام آباد (بيورو) نگران حڪومت عالمي مالياتي فنڊ سان 70 ڪروڙ ڊالر جي ٻئي قسط لاءِ اقتصادي جائزي تي ڳالهيون شروع ٿيڻ کان اڳ گئس جي قيمتن ۾ واڌ بابت آءِ ايف جي هڪ ٻئي شرط پوري ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. گئس جي قيمتن ۾ ايندڙ مهيني کان 193 سيڪڙو تائين واڌ جو امڪان آهي. قيمتون وڌائڻ جي سمري سومر تي اقتصادي رابطه ڪميٽي جي اجلاس ۾ پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04



بسن جي بي ڪيپ ڪراچي بندرگاهه تي پهچي چُڪي آهي: شرجيل انعام ميمڻ

پيپلز پارٽي جي اڳواڻ شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي ٽوئيٽ ۾ ڪراچي جي رهواسين کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏي

نيون بسون مستقبل قريب ۾ شهر جي روڊن تي ايندڙ جيڪي عوام کي بهترين سفري سهولتون فراهم ڪنديون: پ پ اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽ) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ شرجيل انعام ميمڻ پنهنجي ٽوئيٽ ۾ ڪراچي جي رهواسين کي خوشخبري ڏيندي چيو آهي ته بسن جي هڪ بي ڪيپ جيڪا پيپلز بس سروس (فيز 2) جو حصو آهي، ڪراچي بندرگاهه تي پهچي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

گهٽ ۾ گهٽ اجرت 32000 رپيا جي منظوري ڪابينا کان منظور ٿيڻ رهيل آهي: سيڪريٽري ليبر شارڪ احمد

سپ کان اهم مسئلو 32000 رپيا گهٽ ۾ گهٽ اجرت مقرر ڪئي وئي آهي جنهن جو اعلان اڳوڻي حڪومت اسيمبليءَ جي فلور تي ڪيو هو

سيڪريٽري ليبر شارق احمد نگران وڏي وزير کي ٻڌايو ته گهٽ ۾ گهٽ اجرت 32000 رپيا جي منظوري ڪابينا کان منظور ٿيڻ رهيل آهي

سينيئر ورڪر خاص طور تي عورت صنعتي يونٽن جو اڌاڻو ثابت ٿئي ٿي سندس تجربي مان فائدو کڻڻ گهرجي، جسٽس (ر) مقبول باقر


ڪراچي: فلسطينين سان اظهار يڪجهتي لاءِ شهرين طرفان نڪتل ريلي جو ڏيک

ڪراچي (رپورٽر) سپ کان اهم مسئلو 32000 رپيا گهٽ ۾ گهٽ اجرت مقرر ڪئي وئي آهي جنهن جو اعلان اڳوڻي حڪومت اسيمبليءَ جي فلور تي ڪيو هو سيڪريٽري ليبر شارق احمد نگران وڏي وزير کي ٻڌايو ته گهٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سنڌ حڪومت 70 سالن ۾ بہ نندي عمر جي قيدين لاءِ رمادہ هومز قائم نہ ڪري سگهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت 70 سالن ۾ بہ نندي عمر جي قيدين لاءِ رمادہ هومز قائم نہ ڪري سگهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

9 مئي واقعن ۾ ملوث ۽ روپوش ماڻهن کي عام معافي ڏيارڻ منهنجو مشن آهي: شيخ رشيد

سموري قوم جو پنهنجي مائرن، پيئرن، ڏيئرن جو ٽورائتو آهيان جنهن جي دعائن سان 40 ڏينهن کان پوءِ مون کي آزادي نصيب ٿي

مون کي مون جي خبر نہ آهي ته مون 40 ڏينهن ڪٽي گذاريا پر مون کي 40 ڏينهن جي چلي ۾ ڪنهن به قسر جي تڪليف نہ پهچائي وئي

جيڪي روپوش آهن يا لڪل آهن يا جن کان 9 مئي تي کا غلطي ٿي آهي يا جيڪي بي گناهه جيلن ۾ آهن انهن کي عام معافي ڏيارڻ آهي



اسلام آباد: نگران وفاقي وزير هيلٿ ڊاڪٽر نديم جان سيمينار کي خطاب ڪندي

راولپنڊي (ر ڀ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد چيو آهي ته 9 مئي ۾ ملوث ۽ روپوش ماڻهن کي معافي ڏيارڻ هاڻ منهنجو عام مشن آهي. اڳوڻي وفاقي وزير شيخ رشيد ايڪس تي ٽوئيٽ ڪندي چيو آهي ته مان سموري قوم جو پنهنجي مائرن، پيئرن، ڏيئرن جو ٽورائتو آهيان جنهن جي دعائن سان 40 ڏينهن کان پوءِ مون کي آزادي نصيب ٿي. شيخ رشيد چيو ته مون کي مون کي خبر نہ آهي ته مون 40 ڏينهن ڪٽي گذاريا پر مون کي 40 ڏينهن جي چلي ۾ ڪنهن به قسر جي تڪليف نہ پهچائي وئي. هن چيو ته هاڻ منهنجي زندگي جو مشن ان سمورن ماڻهن جي جيڪي روپوش آهن يا لڪل آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

فاروق ستار مفتاح اسماعيل کي ايم ڪيو ايم پاڪستان ۾ شموليت جي دعوت ڏني ڇڏي

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينئر اڳواڻ فاروق ستار اڳوڻي نائب وزير مفتاح اسماعيل کي پارٽي ۾ شموليت جي دعوت ڏني ڇڏي

ملڪ ۾ ڳڙيل قومي ايجنڊا جي ضرورت آهي ۽ مفتاح اسماعيل سان ملاقات ۾ به ساڳئي قومي ايجنڊا تي ڳالهيون ٿينديون، فاروق ستار

ذريعن موجب فاروق ستار ۽ مفتاح اسماعيل جي ملاقات 2 ڏينهن اڳ مفتاح اسماعيل جي رهائشگاهه تي ٿي هئي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينئر اڳواڻ فاروق ستار اڳوڻي نائب وزير مفتاح اسماعيل کي پارٽي ۾ شموليت جي دعوت ڏني ڇڏي. نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ فاروق ستار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي ۾ گهرو رنجش تي جوابدار ياءُ ياڻائي کي قتل ڪري ڇڏيو

اتحاد ٽائون جده هزارا ڪالوني ۾ گهرو رنجش تي وڏي ياءُ ياڻائي کي گولين هڻي نندي ياءُ ياڻائي کي قتل ڪيو

پوليس حسين ولد جمشيد کي گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪري ورتو، جوابدار ياڻائي کي غيرت جي نالي تي قتل ڪرڻ ڄاهي ٻيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي اتحاد ٽائون ۾ ياءُ گهرو رنجش تي گولين هڻي سگهي ياءُ ياڻائي کي قتل ڪري ڇڏيو، ڇڏڻ کان پوءِ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. تفصيل موجب ورٽو آهي. نوٽيفڪيشن مطابق پاڪستان ۾ افغان پارڙن جي تعليم تائين پهچ کي پيش ڪرڻ جو ايندڙ چئلينجز جو جائزو وٺڻ لاءِ 1 نومبر تي ميٽنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

عهدو وڃي ته وڃي، اسرائيل خلاف بغاوت جو اعلان ڪيان تو: ڪامران ٽيسوري

فلسطينين سان ٽيل ظلم تي دل رت جا ڳوڙها روئي ٿي ، امداد ڪٽي مصروجي رهيو آهيان

اسان پنهنجي سگهه موجب امداد ڪٽي ويندا سين، سڄي قوم فلسطينين سان ڪڙ بيٺي آهي

اسان کي يهودي طاقتن بدران الله کان ڊڄڻ گهرجي، اسان کي هر پليٽ فارم تي فلسطينين لاءِ آواز اٺارڻ گهرجي



ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري سنڌ پريميئر ليگ جي نقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي (ر ڀ) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري فلسطينين سان يڪجهتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته منهنجي گورنر شپ وچي ته وچي پروام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شهر جي مختلف شاهراهن تي ايس ايم ڊي اسڪرين لڳائي وڃي: آئي جي سنڌ

ڪراچي (رپورٽر) آئي جي سنڌ راجا رفعت مختار راجا ڊي آئي جي ٽريفڪ جي آفيس جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ جي تعليم ڪاتي اسڪولن ۾ تعليم هيٺ افغان پارڙن جو ڊيٽا طلب ڪري ورتو

پاڪستان ۾ افغان پارڙن جي تعليم تائين پهچ کي پيش ايندڙ چئلينجز جو جائزو وٺڻ لاءِ ميٽنگ طلب ڪئي وئي

ڊائريڪٽر ڪراچي ڊويزن ڊي اي او ز کي چيو ته افغان پارڙن جو ڪلاس ۽ اسڪول جي لحاظ کان ڊيٽا فراهم ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم ڪاتي اسڪولن ۾ تعليم هيٺ افغان پارڙن جو ڊيٽا طلب ڪري ورتو آهي. ٽوئيٽ ڪيل مراسلي موجب ڪراچي جي ايڊيشنل ڊائريڪٽر تعليم (ايڊمن) کي هدايت ڪئي وئي آهي ته افغان پارڙن جي تعليم تائين پهچ جي حوالي سان ڪيل سروي جي تفصيل ۽ ڊيٽا 2 ڏينهن اندر جمع ڪرائي. ڊائريڪٽر تعليم (ايڊمن) کي ڪراچي جي ايندڙ مهيني کان 193 سيڪڙو تائين واڌ جو امڪان آهي. قيمتون وڌائڻ جي سمري سومر تي اقتصادي رابطه ڪميٽي جي اجلاس ۾ پيش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

مزدورن جي بهتري لاءِ ليبر قانونن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ريفارمز ڪميٽي جوڑي وڃي: نگران وڏو وزير

پورهيت اڳواڻن 17 آڪٽوبر 2023ع تي هڪ فيڪٽريءَ کي باهه لڳڻ واري واقعي ڏانهن اشارو ڪيو

ليبر ڪاتي کان پڇاڻو ڪيو ته جڏهن ٻارن کي صنعتي يونٽ ۾ ڪم ڪرايو پيو وڃي ته اهو ڇا ڪري رهيو آهي؟

نگران وڏي وزير ليبر ڪاتي کي هدايت ڪئي ته هو مزدورن جي بهتري لاءِ ليبر قانونن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪميٽي جوڑي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) پورهيت اڳواڻن 17 آڪٽوبر 2023ع تي هڪ فيڪٽريءَ کي باهه لڳڻ واري واقعي ڏانهن اشارو ڪيو. زندگيون ختم ٿي ويون. نگران وڏي وزير ڪاوڙجو اظهار ڪندي ليبر ڪاتي کان پڇاڻو ڪيو ته جڏهن ٻارن جو زندگيون ختم ٿي ويون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو شفقت صبر ۽ حوصلي جو استعارو آهي: بلاول ڀٽو زرداري

قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل کان پوءِ جيستائين صحت ساڻ ڏنو بيگم نصرت ڀٽو عوامي حقن جي ويڙهه وڙهندي رهي

اڄ ڪو ڏينهن وڃن ڪرڻ جو ڏينهن آهي ته اسان انهي جريت عزم ۽ استقلال سان عوام جي حقن جي جدوجهد جاري رکنداسين

مادر جمهوريت جا قدر ۽ جهدوجد اسان لاءِ مشعل راهه آهن هوءِ اسان جي دلين ۾ تاريخ ۾ هميشه زندهه رهندي، ورسي جي موقعي تي پيغام


ڪراچي: ميت مرچنٽ ويلفيئر جي وفد جو اتحاد قريش نيو ڪراچي جي آفيس جي دوري تي نڪتل گروپ فوٽو

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڇيو آهي ته مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو شفقت صبر ۽ حوصلي جو استعارو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

(ن) ليگ جي جلسي کان واپسي تي ليگي اڳواڻ محمود الحسن روڊ حادثي ۾ فوت

غزا (ر ڀ) اسرائيل طرفان بارڻ ۽ بجلي جي بندش سبب غزا ۾ وقت کان اڳ ڇاول 130 بارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

غير قانوني طور تي رهندڙ افغانين جي خلاف آپريشن ۾ باقي 8 ڏينهن

ڪراچي ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي خلاف آپريشن ۾ باقي 8 ڏينهن رهيا آهن

ڪراچي ۾ 4 لک، جڏهن ته غير سرڪاري سروي مطابق سجي سنڌ ۾ افغاني موجوده آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گادي واري هنڌ ڪراچي ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي خلاف آپريشن ۾ باقي 8 ڏينهن رهيا آهن. اسپيشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

صنعت کار بنا خوف ۽ خطري جي ڪاروباري سرگرميون جاري رکن: ڊي جي رينجرز سنڌ

تاجر برادري جي ملڪي ترقي ۾ خاص ڪردار آهي، نوري آباد ۽ پي اي ڏي ايريا ۾ سيڪيورٽي کي رڌيڪ اڻرائيندي پيرو جي

ڪراچي پاڪستان جو معاشي حب آهي صنعتڪار بنا خوف ۽ خطري ڪاروباري سرگرميون جاري رکن

ڪراچي (رپورٽر) ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص چيو آهي ته صنعتڪار بنا خوف ۽ خطري جي ڪاروباري سرگرميون جاري رکن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

عربي سمنڊ ۾ ساموندي طوفان تيج شديد طوفان ۾ تبديل

ڪراچي (رپورٽر) عربي سمنڊ ۾ ساموندي طوفان تيج شديد طوفان ۾ تبديل ٿي ويو پي ڊي ايم اي بلوچستان ساموندي طوفان بابت الرٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي ۾ عورتون به ڦورن جي نشاني تي اڇي ويون

ڦورو جي رستي ويندڙ عورت کان ڦر جي سي سي ٽي فٽيج منظر عام تي اڇي وئي

ڦورن ڪهڙي مان گذرندڙ عورت کي روڪيو، عورتن کان پرس کسي ۽ فرار ٿي ويون

ڪراچي (بيورو) سمن آباد ۾ موٽر سائيڪل سوار جوابدار ڦورو جي رستي ويندڙ عورت کان ڦر جي سي سي ٽي فٽيج منظر عام تي اڇي وئي. جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

محترمہ نصرت ڀٽو جي 12 هين ورسي اڄ ملهائي ويندي

ذوالفقار علي ڀٽو جي زال محترمہ بينظير ڀٽو جي والده نصرت ڀٽو جي ملهائيندي ويندي

مرحوم جي روح جي ايصال ثواب لاءِ فاتح خواني ۽ اجتماعي دعائون به ڪيون ويندڙين

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي وزيراعظر ذوالفقار علي ڀٽو جي زال ۽ محترمہ بينظير ڀٽو جي والده نصرت ڀٽو جي ملهائيندي ويندي. برسي اڄ سومر 23 آڪٽوبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

غير قانوني طور تي رهندڙ افغانين جي خلاف آپريشن ۾ باقي 8 ڏينهن

ڪراچي ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي خلاف آپريشن ۾ باقي 8 ڏينهن رهيا آهن

ڪراچي ۾ 4 لک، جڏهن ته غير سرڪاري سروي مطابق سجي سنڌ ۾ افغاني موجوده آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گادي واري هنڌ ڪراچي ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي خلاف آپريشن ۾ باقي 8 ڏينهن رهيا آهن. اسپيشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

صنعت کار بنا خوف ۽ خطري جي ڪاروباري سرگرميون جاري رکن: ڊي جي رينجرز سنڌ

تاجر برادري جي ملڪي ترقي ۾ خاص ڪردار آهي، نوري آباد ۽ پي اي ڏي ايريا ۾ سيڪيورٽي کي رڌيڪ اڻرائيندي پيرو جي

ڪراچي پاڪستان جو معاشي حب آهي صنعتڪار بنا خوف ۽ خطري ڪاروباري سرگرميون جاري رکن

ڪراچي (رپورٽر) ڊي جي رينجرز سنڌ ميجر جنرل اظهر وقاص چيو آهي ته صنعتڪار بنا خوف ۽ خطري جي ڪاروباري سرگرميون جاري رکن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17



ڪراچي: جمعيت علما، پاڪستان طرفان اسرائيل جي جارحيت خلاف نڪتل ريلي جو ڏيک

اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بي بي جي پاڻ جي گهر تي اينٽي ڪرپشن جا ڇاپا

اينٽي ڪرپشن طرفان مفرور جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪريڪ ڊائون جو سلسلو جاري آهي

اينٽي ڪرپشن ساهيوال اڳوڻي ايم اين اي راءِ حسن نواز ۽ راءِ مرتضيٰ اقبال جي گهرن تي ڇاپا هنيا

لاهور (بيورو) اينٽي ڪرپشن طرفان مفرور جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪريڪ ڊائون جو سلسلو جاري آهي. جنهن دوران اڳوڻي خاتون اول بشريٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

استحڪام پاڪستان پارٽي غلام سرور خان کي شموليت جي دعوت ڏني ڇڏي

جهانگير ترين سان غلام سرور خان جون ڪيترين ئي ملاقاتون ٿي چڪيون

غلام سرور خان پنهنجي تڪ ۾ چوڌري نثار جي سياسي فيصلي جو انتظار ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو) استحڪام پاڪستان پارٽي تحريڪ انصاف جي اڳوڻي وزير غلام سرور خان کي پارٽي ۾ شموليت جي دعوت ڏني ڇڏي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسرائيل پاران غزا تي حملا تيز ڪرڻ جو اعلان

اسرائيل حماس تي دهاءَ وڌائڻ لاءِ غزا ۾ پنهنجي حملا تيز ڪندو

اسان کي جنگ جي ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿيڻو آهي، اسرائيلي فوجي ترجمان

تل ابيب (ر ڀ) اسرائيل فلسطين تي پنهنجي جارحيت ۾ اضافي جو اعلان ڪندي چيو آهي ته هو غزا تي حملا تيز ڪندو، پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسرائيل جوري فلسطينين کي غزا ڇڏڻ جو الٽيميٽم، تازي بمباري ۾ 55 ڄڻا شهيد

اسرائيلي فوج ڏمڪي ڏني ته اترغزا ۾ الٽيميٽم کان پوءِ به رهجي ويندڙ فلسطيني شهرين کي به نشانو بڻايو ويندو

اسرائيل هڪ پيرو وري غزا جي اترين علائقن مان نڪرڻ لاءِ الٽيميٽم ڏيندي چيو ته جيڪي شهري ڏکڻ غزا منتقل نہ ٿيا انهن کي حماس جو حامي سمجهيو ويندو

اسرائيل جي تازي بمباري ۾ زخمين جو انگ 100 کان وڌيڪ آهي جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل، اسپتال تي اسرائيلي حملي بعد طبي سرگرمين به بند

غزا (ر ڀ) اسرائيل جي غزا ۾ گذريل 24 ڪلاڪن کان لاڳيتو جاري بمباري ۾ 55 فلسطيني شهيد ٿي ويا جڏهن ته اولهه ڪناري ۾ هڪ مسجد کي به شهيد ڪيو ويو. پرڏيهي خابرو اداري موجب اسرائيل هڪ پيرو وري غزا جي اترين علائقن مان نڪرڻ لاءِ الٽيميٽم ڏيندي چيو ته جيڪي شهري ڏکڻ غزا منتقل نہ ٿيا انهن کي حماس جو حامي سمجهيو ويندو. اسرائيلي فوج ڏمڪي ڏني ته اترغزا ۾ الٽيميٽم کان پوءِ به رهجي ويندڙ فلسطيني شهرين کي به نشانو بڻايو ويندو. شهري حماس لاءِ اتساني ڀال نہ بڻجن، هوڏانهن الٽيميٽم مڪمل ٿيڻ اڳ ئي اسرائيل غزا تي بمباري جاري رکي آهي ۽ 24 ڪلاڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11


غزا: اسرائيلي حملي بعد هڪ نيٺگري هنڌ بسترا کٽي محفوظ هنڌ ڏانهن وڃي رهي آهي

نواز شريف ملاقاتون ۽ سياسي سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون

پاڪستان مسلم ليگ ن اڳواڻ نواز شريف جي ڏيهه ورڻ کان پوءِ ملاقاتن ۽ سرگرمين جي شروعات ڪري ڇڏي آهي

ملڪي سياسي صورتحال، مينار پاڪستان تي ڪامياب جلسي سميت نواز شريف جي ڪيسن جي حوالي سان ڳالهه هولهه ڪئي وئي

نواز شريف مينار پاڪستان تي ڪامياب ۽ تاريخي جلسي جي اهتمام تي پارٽي اڳواڻن جي ڪوشش ڪي ساراهيو

لاهور (بيورو) پاڪستان مسلم ليگ ن اڳواڻ نواز شريف جي ڏيهه ورڻ کان پوءِ ملاقاتن ۽ سرگرمين جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. جاتي، جنهن ۾ موجوده ملڪي سياسي صورتحال، مينار پاڪستان تي ڪامياب جلسي جي اهتمام تي پارٽي اڳواڻن جي ڪوشش ڪي ساراهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پي آءِ اي مالي بحران: پي ايس او تيل جي فراهمي گهٽ ڪري ڇڏي، اڏامون ملتوي

قومي ايئر لائين جو فلائيٽ آپريشن سخت متاثر آهي جنهن سبب مسافرن کي پريشاني کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

پي ايس او کان تيل نہ ملڻ سبب سجي ملڪ جي ايئرپورٽس کان پي آءِ اي جون 25 اڏامون ملتوي ٿي ويون

ڪراچي (رپورٽر) قومي ايئر لائين پي آءِ اي جو مالي بحران برقرار آهي، ان دوران پاڪستان اسٽيٽ آئل (پي ايس او) طرفان بارڻ جي تيل جي فراهمي به گهٽ ڪئي وئي آهي جنهن سبب قومي ايئر لائين جون اڏامون ملتوي ٿي ويون آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسرائيلي جارحيت ۽ فلسطين جي حمايت ۾ لنڊن ۾ وڏو احتجاجي مظاهرو

مظاهري ۾ فلسطيني جهنڊا کڻي مظاهرين اسرائيل دهشتگرد رياست آهي ۽ فلسطين کي آزاد ڪريو جا زوردار نعرا لڳايا

مظاهرين غزه ۾ بمباري بند ڪرڻ ۽ اسرائيل تي پابندين لڳائڻ جا مطالبا ڪندي وائٽ ہال روڊ تي نماز پڙهه ادا ڪئي وئي

اٽلي، جرمني، آسٽريا، مصر ۽ تيونس ۾ به مظلوم فلسطينين سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريليون ڪيون ويون آهن

لنڊن (ر ڀ) لنڊن ۾ اسرائيلي جارحيت خلاف ۽ فلسطين جي حمايت ۾ هڪ وڏو مظاهرو ڪيو ويو آهي. احتجاجي مظاهري ۾ فلسطيني جهنڊا کڻي مظاهرين اسرائيل دهشتگرد رياست آهي ۽ فلسطين کي آزاد ڪريو جا زوردار نعرا لڳايا. مظاهرين غزه ۾ بمباري بند ڪرڻ ۽ اسرائيل تي پابندين لڳائڻ جا مطالبا ڪيا. جڏهن ته مظاهرين طرفان وائٽ ہال روڊ تي نماز پڙهه ادا ڪئي وئي. ٻئي طرف اٽلي، جرمني، آسٽريا، مصر ۽ تيونس ۾ به مظلوم فلسطينين سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ريليون ڪيون ويون آهن جڏهن ته ترڪيه جي شهر استنبول ۾ غزه ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: چيئرمين اورنگي ٽائون حاجي جميل ضيا ٽائون ميونسپل آفيس ۾ عوام جا مسئلا ٻڌندي

نواز شريف استقبال: استحڪام پاڪستان پارٽي جي عون چوڌري کان وضاحت طلب

عون چوڌري جي نواشريف سان اسلام آباد ايئرپورٽ تي ٽيندڙ ملاقات جو پارٽي سان ڪوبه تعلق نہ آهي

سوشل ميڊيا تي سامهون ايندڙ وڊيوز ۾ عون چوڌري کي به رن وي ويجهو نواز شريف جو استقبال ڪندو ڏسو ويو

لاهور (بيورو) استحڪام پاڪستان پارٽي ايئرپورٽ تي نواز شريف جو استقبال ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. عون چوڌري کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ جو نواشريف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

اندڪيا به فلسطينين لاءِ امداد موڪلي ڇڏي

پارٽ طرفان امداد انساني بنياد تي موڪلي وئي جيڪا مصر ۾ رفح ڪراسنگ ذريعي غزا موڪلي ويندي

جهاز آءِ اي سي 17 ذريعي 6.5 ٽن دوائون ۽ 32 ٽن آڻڻ کان پوءِ جهاز جو سامان فلسطينين لاءِ روانو ڪيو ويو

نئين دهلي (ر ڀ) فلسطين جي مزاحمتي تنظيم حماس جي خلاف جنگ ۾ اسرائيل جي حمايت ڪندڙ پارٽ غزا لاءِ امداد موڪلي ڇڏي. پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ٿرپارڪر جي ريگستاني علائقي ۾ ماحولياتي سببن کي معلوم ڪرڻ لاءِ اسڪالرن پاران دورو

يونيورسٽي جي اسڪالرن پارڪ ۽ نرسري سان گڏ نئون ڪوٽ ڊيپلو روڊ پرسان هڪ ڍنڍ جو دورو ڪيو

شوڪت علي ڊاڪٽر روحي بانو ڊاڪٽر عابد آرزو ڊاڪٽر خالد معذالله حسن حبيب نور پروفيسر طيبه رئوف شريڪ

سپ ڪان وڏيڪ گرمي ۽ مون سون جي برساتن سبب مسلسل 10 سالن کان سيلاب جي ضد ۾ رهيو آهي: ماحولياتي ماهر

نئون ڪوٽ (رپورٽر) ٿرپارڪر جي ريگستاني علائقي ۾ ماحولياتي سببن کي معلوم ڪرڻ لاءِ ڪراچي يونيورسٽي جي اسڪالرن نئونڪوٽ پرسان ڪندارو سومرا ۾ گرين پارڪ ۽ نرسري سان گڏ نئون ڪوٽ ڊيپلو روڊ پرسان هڪ ڍنڍ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ميونسپل ڪارپوريشن ۾ آفيسر گريڊ لاءِ انٽرويو ٽيسٽ ڏيندڙن پاران احتجاجي مظاهرو

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن تحت لوڪل گورنمينٽ ۽ ميونسپل ڪارپوريشن ۾ آفيسر گريڊ لاءِ انٽرويو ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن طارق، اميت ڪمار، نويد، ديدار، عبدالحميد ۽ ٻين پاران سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو سنڌ ۾ مهينو اڳ پبلڪ سروس ڪميشن تحت لوڪل گورنمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01


نئون ڪوٽ: ٿرپارڪر جي ريگستاني علائقي ۾ ماحولياتي سببن کي معلوم ڪرڻ لاءِ اسڪالرن پاران دورو ڪيو ويو

ايس ايس پي سکر جي هدايتن تي سماجي برائين ۾ ملوث عناصرن خلاف ڪارروايون جاري

پوليس ڪاروائي ڪندي ڪيترائي سماجي برائين ۾ ملوث مجرم گرفتار ڪري ورتا آهن

آڪڙا پرچي ۾ ملوث شاهد جاگيراڻي کي گرفتار ڪري ورتو، پرچي جا بڪ ۽ ڪيش رقم هٿ

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ايس ايس پي آفس جي ترجمان مطابق ته ايس ايس پي سکر عرفان علي سمون جي هدايتن تي سماجي برائين ۾ ملوث عناصرن خلاف ڪارروايون جاري آهن سکر پوليس ڪاروائي ڪندي ڪيترائي سماجي برائين ۾ ملوث مجرم گرفتار ڪري ورتا آهن ايس ايڇ او اي سيڪشن جو گهجي اطلاع تي ڪارگرئي ڪندي حد سماجي برائين ۾ ملوث /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

معاشري ۾ نياڻين جي تعليم کان سواءِ تعليم اڻ پوري رهجي وڃي ٿي: حافظ محمد نظاماڻي

سنڌ ۾ هزارين سرڪاري اسڪول بند پيل آهن ته وري هزارين سرڪاري اسڪول زبون حالي جو شڪار آهن

هاڻي نگران وفاقي ۽ صوبائي سرڪار کي ادا ڪري تعليم کي ترقي ڏيارڻ گهرجي، نوجوان ۾ صلاحيتون آهن

سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ نياڻين جي تعليم اڄ جي جديد دور باوجود عيب سمجهي وڃي ٿي: تقريب کي خطاب

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر: مظفر علي بروهي) سنڌي ٻولي جي مزاحمتي انقلابي شاعر حافظ محمد نظاماڻي چيو آهي ته ڪنهن به معاشري ۾ نياڻين جي تعليم کان سواءِ تعليم اڻ پوري رهجي وڃي ٿي. اهڙو اظهار هن ٽنڊو محمد خان جي جيمر خانه ڪلب ۾ دارلعلوم هائير سيڪنڊري گرلس ۽ بوائز اسڪولن جي انٽرميڊيٽ بورڊ حيدرآباد مان 48 اي ون ۽ 3 اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مسجد اقصيٰ مسلمانن جو پهريون قبلو آهي ۽ اسرائيلي فوج قابض رهي آهي: خالد احمد غوري

سکر (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان غوري اتحاد سکر جي صدر خالد احمد غوري فلسطين جي مسلمانن تي اسرائيلي جارحيت ۽ بربريت جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته مسجد اقصيٰ مسلمانن جو پهريون قبلو آهي ۽ هميشه اسرائيلي فوج جو قابض رهي آهي. پر فلسطين جي مسلمانن تي جيڪو ظلم ۽ زيادتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09


ٽنڊومحمد خان: منعقد تقريب وقت ورتو گروپ فوٽو

واره جي ڳوٺن فيض محمد سوڍر، ممتاز آباد ۽ مولا داد سوڍر ۾ نئين واٽر سپلا اسڪيم رولڙي جو شڪار

ڪامريڊ برڪت سوڍر، فاضل سوڍر، هدايت الله سوڍر، منور سوڍر، نياز ڪوسو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

عوامي تحريڪ ۽ ڳوٺاڻن جو احتجاج، واٽر سپلا اسڪيم جو ڪم ڪري ڳوٺاڻن جي بي چيني ختم ڪئي وڃي: اڳواڻ

ڳوٺ فيض محمد سوڍر کي مليل واٽر سپلاءِ اڃان تائين رولڙي جو شڪار وڏي پيماني تي ڪرپشن ٿيل آهي: ڳالهيون

واره (رپورٽ طالب حسين چانڊيو) واره جي ڳوٺن فيض محمد سوڍر، ممتاز آباد ۽ مولا داد سوڍر ۾ نئين واٽر سپلا اسڪيم رولڙي جو شڪار، عوامي تحريڪ ۽ ڳوٺاڻن جو گڏيل احتجاج، جلد واٽر سپلا اسڪيم جو ڪم ڪري ڳوٺاڻن جي بي چيني ختم ڪئي وڃي /ڳوٺاڻا/ ان موقعي تي ڳالهائيندي سنڌي هاري تحريڪ جي اڳواڻ ڪامريڊ برڪت سوڍر، فاضل سوڍر، هدايت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

شڪارپور ۾ نوجوان جو گولي لڳل لاش هٿ، وارثن جو لاش رکي بائي پاس تي احتجاجي مظاهرو

اسٽورٽ گنج ٿاڻي جي حد ڪڙي عطا محمد ۾ نوجوان جو گولي لڳل لاش هٿ آيو، وارثن پاران قتل جو شڪ

وارثن ۽ پٺو برادري جي ماڻهن انصاف لاءِ لاش جيڪب آباد بائي پاس شڪارپور وڊ تي رکي احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪري نه سگهي آهي، پوليس قتل کي آپگهات قرار ڏيندي تعاون نه پئي ڪري: مظاهرين

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) نوجوان جو گولي لڳل لاش هٿ، وارثن جو لاش رکي بائي پاس تي احتجاج، ٽريفڪ معطل، نوجوان عبدالسميع پٺو کي قتل ڪيو ويو آهي، وارثن جو الزام، واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي، پوسٽ مارٽم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر ۾ پسند جي شادي ڪرڻ ڏوهه ٻڌجي ويو، بهار ڪالوني جي رهواسين جو احتجاج

سکر (رپورٽر) سکر ۾ پسند جي شادي ڪرڻ ڏوهه ٻڌجي ويو هڪ هفتو اڳ پيار جو پرڻو ڪندڙ بهار ڪالوني جي رهواسين جو انصاف ۽ تحفظ جي لاءِ نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاج. هڪ هفتو اڳ خيرپور جي عدالت ۾ پسند جي شادي ڪندڙ جوڙي آصف علي شيخ ۽ سميرا شيخ سکر نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23


شڪارپور: نوجوان جو گولي لڳل لاش هٿ، وارثن جو لاش رکي بائي پاس تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سکر پريس ڪلب ٻاهران مغوين جي بازيابي لاءِ شهرين جو احتجاج 19 ڏينهن ۾ داخل

وائيس آف راڻيپور جي قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ تي سياسي سماجي ڌرين جي شرڪت ڪئي

خيرپور مان اغوا ڪيل اسلام سومرو، محراب مان اغوا ڪيل علي حسن ميمڻ جي بازيابي لاءِ مظاهرو

19 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود انصاف فراهم ڪندڙ عدليه ۽ حڪومت جي ڪنهن اداري نوٽيس نه ورتو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب ٻاهران مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج 19 ڏينهن ۾ داخل، سنڌ حڪومت سميت اختيارين نوٽيس نه ورتو وائيس آف راڻيپور جي قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ تي سياسي سماجي ڌرين جي شرڪت ڪئي آهي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، خيرپور مان اغوا ڪيل اسلام سومرو، محراب مان اغوا ڪيل علي حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري زمينن تي قبضن جبري گمشدگين خلاف جسقم پاران احتجاج

الله والا چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب بدين تائين ريلي ڪيدي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

مرڪزي چيئرمين اسلم خيرپوري اسماعيل ناز نوتڪاڻي محفوظ نوتڪاڻي عبدالفتاح چنه جي اڳواڻي ۾ ريلي

سنڌ جون لکين ايڪڙ زرعي زمينون ڌارين کي وڪڻي سنڌ کي اقليت ۾ تبديل ڪيو آهي: مظاهرين جون ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري زمينن تي قبضن جبري گمشدگين خلاف جيئي سنڌ قومي محاذ آريسر گروپ پاران سوين ماڻهن الله والا چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب بدين تائين ريلي ڪيدي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو خبر موجب جيئي سنڌ قومي محاذ آريسر گروپ پاران مرڪزي چيئرمين اسلم خيرپوري اسماعيل ناز نوتڪاڻي محفوظ نوتڪاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪنڊيارو جي پراڻي ٽائون ڪاميٽي هال ۾ ناپا پاران اسٽيج ڊرامو "پاڳ سان کهڙي ريس" پيش

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو شهر جي پراڻي ٽائون ڪاميٽي هال ۾ نيشنل اڪيڊمي آف پرفارمنگ آرٽس ڪائونسل ڪراچي سنڌ آرٽس ڪائونسل (ناپا) پاران هڪ اسٽيج ڊرامو پاڳ سان کهڙي ريس پيش ڪيو ويو جنهن ۾ شهر جي سياسي سماجي توڙي نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنهن جي صدارت اسسٽنٽ ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24


بدين: سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري زمينن تي قبضن جبري گمشدگين خلاف جسقم پاران احتجاج ڪيو ويو

سکر ڪمشنر پاران غير ملڪن جي واپس وطن منتقلي بابت جوڙيل ڪميٽي جو اجلاس

سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي جي ڊي سيز سميت پوليس ۽ مختلف قانون لاڳو ادارن جا عملدار شريڪ

ٽريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي جي منظوري ڪانسواءِ ماڻهن کان سڪيورٽي واپس ورتي وڃي: سميع الدين صديقي

ڊويزن اندر امن وامان کي برقرار رکڻ لا لازم آهي ته عوام جي جان ومال جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي: ڳالهيون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ڪمشنر سکر ڊويزن سميع الدين صديقي جي صدارت هيٺ ڪمشنر هائوس جي ڪيمپ آفيس جي ڪانفرنس روم ۾ ڊويزنل ٽريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي ۽ غير قانوني طور رهندڙ غير ملڪن جي واپس وطن منتقلي بابت جوڙيل ڪميٽي جو اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن سميت پوليس ۽ مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز ۾ نجي سينٽر جي ڊاڪٽر مريض جي نازڪ عضوي جي رڳ ڪٽي ڇڏي

ڪنڊيارو سان تعلق رکندڙ غلام نبي ڪليري مائده ميڊيڪل سينٽر اڳيان احتجاج ڪيو

ڊاڪٽر پريل تگر مريض جو غلط آپريشن ڪري نازڪ عضوي واري رڳ ڪٽي ڇڏي آهي: الزام

نوشهروفيروز (ڊ ر) نوشهروفيروز ۾ قائم نجي مائده ميڊيڪل سينٽر جي ڊاڪٽر پريل تگر مريض جو غلط علاج ڪري نازڪ عضوي جي رڳ ڪٽي ڇڏي مريض نوابشاه اسپتال ريفر وارثن جو ڊاڪٽر خلاف احتجاج ڪيس داخل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪنڌڪوٽ ۾ فلسطين جي حمايت ۾ ۽ اسرائيلي جي جارحيت خلاف احتجاج

جعفريه الائنس پاران درگاه موٽڻ شاهه کان پريس ڪلب تائين غزا شهدا ريلي ڪيدي وئي

اسرائيل خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مظلوم فلسطيني عوام سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ ۾ فلسطين جي حمايت ۾ ۽ اسرائيلي جي جارحيت خلاف جعفريه الائنس پاڪستان ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ پاران درگاه موٽڻ شاهه کان پريس ڪلب تائين فلسطين غزا شهدا ريلي ڪيدي وئي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06



ڪنڌڪوٽ: فلسطين جي حمايت ۾ ۽ اسرائيلي جي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو ويو

خانپور مهر جي سيپڪو آفيس ۾ پيل ٽرانسفارمر جون ڪوئلون چوري ڪري فرار ٿي ويا

چوري بعد سيپڪو عملي پاران چورن جا فنگر پرنٽ ڪرائڻ لاءِ فرانزڪ ٽيم گهرائي فنگر ورتا ويا

دروازا ٽوڙڻ کان سواءِ ئي اندر داخل ٿي هڪ ٽرانسفامر مان ڪوئلون ڪڍي چوري ڪري فرار ٿي ويا

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ نامعلوم چور خانپورمهر جي سيپڪو آفيس ۾ پيل ٽرانسفارمر جون ڪوئلون چوري ڪري فرار ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين ۾ شهيد ڀٽو پاران اسرائيل جي فلسطينين تي بربريت خلاف احتجاجي مظاهرو

راشدعلي قمبراڻي لالا رمضان پنهنڻ مسرور ڪوسو محمد سومار قمبراڻي جي اڳواڻي ۾ ريلي

پاڪستان جو عوام هن ڏکي جي گهڙي ۾ فلسطين جي عوام سان گڏ آهي: اڳواڻن جون ڳالهيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ضلع بدين طرفان بدين يونين آف جرنلسٽ جي آفيس تي اسرائيل جي فلسطينين تي بربريت ۽ انهن جي قتل عام خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

زرعي انقلاب جي لاءِ متوازن ڀاڻ جو استعمال تمام ضروري آهي: عبدالصمد ابڙو

سرسبز نائيٽرو فاس ۽ سرسبز ڪيلشيم امونيم نائيٽريٽ ڀاڻ جو استعمال ڪيون

فاطمه فرٽيلائيزر گروپ پاران ٽنڊومحمدخان ۾ ڪڻڪ جي منافعي بخش پيداوار بابت سيمينار

ٽنڊومحمدخان (رپورٽر: مظفر علي بروهي) زرعي انقلاب جي لاءِ متوازن ڀاڻ جو استعمال تمام ضروري آهي. متوازن ڀاڻ سان فصل بهتر ٿيي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15


ٽنڊومحمدخان: منعقد تقريب کي مقرر خطاب ڪندي

ٺڪرانو واسي 22 ورهين جو نوجوان 2 مهينن کان گم، وارثن پاران سهائتا جي اپيل

نوجوان نثار احمد پٽ غلام محمد مهتم ٻن مهينن کان گم ٿي ويو آهي، ڳولا باوجود پتو نه پيو

نوجوان نثار احمد مهتم جي والد ۽ امڙ ٺڪرانو پريس ڪلب پهچي پٽ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ احتجاج ڪيو

ٺڪرانو (ن سنڌيار) ٺڪراڻي واسي نوجوان ٻن مهينن کان گم اغوا جو شڪ والدين جو ڳولا ۾ مدد لاءِ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڳولا ۾ مدد جي اپيل خبر موجب ٺڪرانو واسي 22 ورهين جو نوجوان نثار احمد ٻن مهينن کان گم ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهرو فيروز ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن جي 22 آڪٽوبر تائين پگهارون نه ٿي سگهيون

آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن رجسٽرڊ سنڌ جي ڊويزن جي ميٽنگ ٿي گذري

اجلاس ۾ ملازمن کي مايوس ڪرڻ پگهارن جا رهيل ڊفرنس بل ادا نه ڪرڻ تي غور ويچار ڪيو ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽر) نوشهرو فيروز ميونسپل ڪاميٽي جي ملازمن جي 22 آڪٽوبر تائين پگهارون نه ٿي سگهيون آهن ملازم سخت پريشان آل پاڪستان لوڪل گورنمينٽ ورڪرز فيڊريشن رجسٽرڊ سنڌ جي ڊويزن جي ميٽنگ ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19



پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ضلعي اوير ڪراچي جي طرفان صفورا چورنگي تي احتجاج

احتجاجي بينر کڻي صفورا چورنگي تي هٿن ۾ احتجاجي بينر کڻي سخت احتجاج ڪيو ويو

جنرل سيڪريٽري طارق سيال عبدالمنان چانڊيو عبدالمنان ٽنيو ذوالفقار سيال ذوالفقار ٽنيو شريڪ

ڪراچي (رپورٽر: باغي ساگر) پاڪستان پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ضلعي اوير ڪراچي جي طرفان صفورا چورنگي تي فلسطين تي جاري ظلم ۽ بربريت خلاف هٿن ۾ احتجاجي بينر کڻي صفورا چورنگي تي هٿن ۾ احتجاجي بينر کڻي سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سب انسپيڪٽر طارق خالد کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي: نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي

نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي نئين ڪراچي ٽائون صدر فدا رند اياز سولنگي جي اڳواڻي ۾ ريلي

طارق خالد پاران بيڊوهي باندي بڻائي رکيل آفتاب احمد بروهي جي آزادي لاءِ مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

ڪراچي (رپورٽر) شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو، عدنان اظهار، مزمل بيگ، سنڌن دهشتگرد ساٿارين ۽ سنڌن سرڪاري سرپرست، دهشتگردن جي ساٿي سب انسپيڪٽر طارق خالد کي هڪدم گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

اسرائيلي جارحيت خلاف ٺٽي ۾ ٺٽو يوٿ ايڪشن ڪميٽي پاران احتجاجي مظاهرو

فهد ڪرناٽي، ارباز درس، شهروز چانگ، ارتضيٰ بروهي، اظهر گاهيو جي اڳواڻي ۾ ريلي

اڳواڻ تحرڪ وٺي جنگ بند ڪرائي بيگناهه فلسطينين جي وهندڙ خون کي بند ڪرائين: اڳواڻ

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو يوٿ ايڪشن ڪميٽي ٺٽو پاران اڄ ننگر پبلڪ پريس ڪلب ٺٽو کان شاهجهان چوڪ ٺٽو تائين مظلوم فلسطينين مسلمانن مٿان صيهوني طاقتن اسرائيل ۽ امريڪا سميت يورپي ملڪن پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27



ٺٽو: اسرائيلي جارحيت خلاف ٺٽي ۾ ٺٽو يوٿ ايڪشن ڪميٽي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ٻنون شهر جي حالت بدتر ٿي وئي، شهري جديد دور ۾ واٽر سپلائي، ڊرينيج، صحت جون سهولتون اڻلڀ

16 سالن کان وٺي ٻنون ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن جي بجلي بند، هزارين رهواسين سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا

1985 ۾ منظور منظور ٿيل ٻنون جي واٽر سپلائي اسڪيم اڃا تائين رولڙي جو شڪار آهي، ڊرينيج جو ڪم پڻ اڌ ۾ رڪيل

سياسي قيادت طرفان ٻنون جي عوام تي تاڦيل يوسي چيئرمين ۽ ٻيا نمائيندا عوام تي بار بڻيل آهن: ساجاهه وندن جون ڳالهيون

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون شهر جي حالت بدتر ٿي وئي، شهري جديد دور ۾ به واٽر سپلائي، ڊرينيج، صحت ۽ ٻين سمورين بنيادي سهولتن کان محروم، 16 سالن کان وٺي ٻنون ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن جي بجلي بند. هزارين رهواسين اڄ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

غوثيه جماعت سنڌ سکر جي زير اهتمام غوثيه جماعت جي ڪارڪنن پاران احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) غوثيه جماعت سنڌ ضلعي سکر جي زير اهتمام غوثيه جماعت جي ڪارڪنن، مريدن ۽ عقيدتمندن جي هڪ وڏي انگ ۾ برصغير جي عظيم مذهبي شخصيت حضرت بهاءالدين ذڪريا (ملتان) جي درگاه عاليه جي سجاده نشين، روحاني پيشوا، غوثيه جماعت مخدوم شاهه محمود حسن قريشي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03


ڏڙو: واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ سهولتن جي اڻهوند آهي

فلسطين تي اسرائيلي جارحيت خلاف سنڌ نيشنل پارٽي پاران ايس اين پي هائوس کان ريلي

ڪارڪنن پاران ايس اين پي هائوس کان بسم الله چونڪ تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪيدي وئي

ڏک جي هن گهڙي ۾ اسان پنهنجي فلسطيني ڀائرن سان گڏ بيٺل آهيون. اسرائيل کي روڪيو وڃي: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) فلسطين تي اسرائيلي جارحيت خلاف سنڌ نيشنل پارٽي پاران ايس اين پي هائوس کان بسم الله چونڪ تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪيدي وئي، جنهن جي اڳواڻي سنڌ نيشنل پارٽي جي قائم مقام چيئرمين رمضان بليدي نياز بليدي ضمير چانڊيو ڏي ايمر خاصخيلي سردار لغاري راشد ڏيپر رياض بليدي ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي رمضان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مورو ۾ آءِ بي اي 5 کان 15 آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙن شاگردن پاران احتجاج

مير آڪاش ڪورائي، اسد ملاح، ذيشان سولنگي، نعيم ابڙو، شهباز عالم ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

ٽيسٽ کي 6 مهينن گذري ويا آهن اسان کي پريشانين ۽ خودڪشين طرف ڌڪڻ چاهين ٿا: نوجوان

ايم ڪيو ايم جي پٽيشن داخل ڪرڻ جو مقصد نوڪرين وراثت ڪري نوڪريون تقسيم جي سازش آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سڄي سنڌ جيان مورو ۾ آئي بي اي 5 کان 15 آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙن شاگردن جو مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳوائي مير آڪاش ڪورائي، اسد ملاح، ذيشان سولنگي، نعيم ابڙو، شهباز عالم ۽ ٻين شاگردن شرڪت ڪئي انهن جو چوڻ هو ته اسان آئي بي اي گريڊ 5 کان 15 واري ٽيسٽ پاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو ۾ ڌرتي ڌڻي تحريڪ پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کڻي فلسطين جي حق ۾ ريلي

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ ڌرتي ڌڻي تحريڪ پاران هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ جهنڊا کڻي فلسطين ۾ اسرائيل ۽ آمريڪا جي جارحيت ظلم خلاف فلسطينين سان اظهار يڪجهتي ريلي علامه آءِ آءِ قاضي لائبريري پارڪ کان دادو پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪيدي اسرائيل ۽ آمريڪا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14


مورو ۾ آءِ بي اي 5 کان 15 آئي بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙن شاگردن پاران احتجاج ڪيو ويو

ٻلڙي شاهه ڪريم جي قديمي ڳوٺ جهنگ ڪاتيار جي گورنمنٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول ۾ سهولتون اڻلڀ

هاءِ اسڪول جهنگ ڪاتيار ۾ گرمي ۾ بجلي ۽ پنکا نه هئڻ سبب تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي: رهواسي

4 سال گذرڻ بعد به مڪمل نه ٿي سگهيو آهي نئين عمارت جو ڪم ڪرائيندڙ ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي فرار ٿي ويو

معصوم ٻارڙا زبون حال عمارت ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن ڪنهن وقت به ڪو حادثو پيش اچي سگهي ٿو: ڳالهيون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي تعلقي ٻلڙي شاهه ڪريم جي قديمي ڳوٺ جهنگ ڪاتيار جي گورنمنٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول جهنگ ڪاتيار ۾ گرمي ۾ بجلي ۽ پنکا نه هئڻ سبب تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي نئين عمارت جو ڪم تقريبن چئن سالن جي گذرڻ بعد به مڪمل نه ٿي سگهيو آهي نئين عمارت جو ڪم ڪرائيندڙ ٺيڪيدار ڪم اڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪرمپور منڊاٽي چوڪي وٽ پوليس پاران مبينا مقابلي ۾ ماريل نوجوان جي وارثن جو احتجاج

مقابلي ۾ مارجي ويل ڳوٺاڻي غلام حسين جعفري جا قاتل اڃا گرفتار نٿي سگهيا، وارثن پاران مظاهرو

ڳوٺ محمد امين جعفري ۾ گل حسن جعفري بالاچ خان محمد رمضان جعفري جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

قاتلن کي سياسي پٺڀرائي حاصل جيڪي سري عام نوڪري ڪن ٿا ۽ اسان کي ڌمڪيون به ڏين ٿا: مظاهرين جو الزام

ڪنڌڪوٽ (غالب بلوچ) ڪجهه مهينا اڳ ڪرمپور ٿاڻي جي حد منڊاٽي چوڪي وٽ پوليس جي ورديءَ ۾ لڪل ڪارين رڍن هٿان شهيد ٿيل معصوم ڳوٺاڻي غلام حسين جعفري جا قاتل اڃا گرفتار نٿي سگهيا ڪورٽ سگوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ميرپورخاص سي آءِ اي پوليس پاران مشهور منشيات فروشن خلاف ڪارروائي

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص سي آئي اي پوليس ميرپورخاص جي مشهور مين پڙي فروش غلام عباس عرف ٻوني جي اوطاق تي ڇاپو هڻي سنڌس ٻن پٽن علي احمد ۽ خان محمد سميت چئن جوابدارن غلام احمد، شعيب کي گرفتار ڪري سنڌن قبضي مان هڪ لک 50 هزار روپين کان وڌيڪ ماليت جون مين پڙيون هٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22


ڪنڌڪوٽ: متاثر رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

روهڙي جي سنگرار شهر ۾ وياج خورن ترٿپائي ڇڏيو، بااثر وياج خورن سان پوليس به ٻٽ ٻٽيل

علائقي ۾ وڏي پيماني تي وياج جي ڪاروبار ڪري ڪيترائي زميندار توڙي هاري ناري ڪنگال ٿي ويا

وياج خور دڪاندار پنهنجي وياج واري ڪاروبار کي ڪميشن جو نالو ڏئي سرعام وياج وارو ڌنڌو ڪن ٿا

ڪڏهن به اختيار ڌڻين توڙي مختيارڪار روهڙي اهڙن وياج خورن خلاف ڪاروائي ناهي ڪئي: ساجاهه وند

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي تعلقي جي سنگرار شهر ۾ وياج خورن ترٿپائي ڇڏيو بااثر وياج خورن سان پوليس به ٻٽ ٻٽيل، وياجين غريب ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو جنهن ڪري ڪيترائي زميندار توڙي هاري ناري ڪنگال ٿي ويا آهن پوک ڪندڙ ننڍا زميندار ماڻهو چار مهينا جي ڪميشن تي دڪاندارن کان ٻج ڀاڻ ۽ جيتن مار دوا کڻن ٿا پر انهن جي مٿان پهرئين مهيني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺڪراڻي ۾ آل سنڌ منگي اتحاد جي سرپرست روشن علي منگي جو دورو، ماڻهن سان ملاقات

سنڌ جي منگي برادري جي ماڻهن جي مسئلن لاءِ ڏينهن رات جاکوڙ ڪري رهيا آهيون: روشن علي منگي

منگي برادري جو ڳچهر وهندو اتي اسان پنهنجو رت ڏينداسين برادري جي نوجوانن کي گهرجي ته تعليم حاصل ڪن

استاد محمد حسن منگي منظور احمد منگي محمد منل منگي عرفان منگي ۽ منگي اتحاد جا ٻيا اڳواڻ موجود هئا

ٺڪرانو (ن سنڌيار) ٺڪراڻي ۾ آل سنڌ منگي اتحاد جي سرپرست روشن علي منگي جو دورو منگي برادري جي ماڻهن سان ملاقاتون مختلف هنڌن تي عذر خواهيون اسان پوري سنڌ جي منگي برادري جي ماڻهن جي مسئلن لاءِ ڏينهن رات جاکوڙ ڪري رهيا آهيو مظلوم ماڻهن جي مدد ڪرڻ سان دلي سڪون ملي ٿو جتي منگي برادري جو ڳچهر وهندو اتي اسان پنهنجو رت ڏينداسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سنڌ عوامي سٿ پاران قاضي احمد ۾ "گو افغاني گو" علمدار چوڪ کان ريلي ڪيدي

دولت پور صفن (رپورٽر) سنڌ عوامي سٿ پاران قاضي احمد ۾ "گو افغاني گو" علمدار چوڪ کان هڪ وڏي ريلي ڪيدي وئي جنهن ۾ سنڌ عوامي سٿ جي چيئرمين مهر ڏهائي، فقير ساجن ڪنير، علي حسن خاصخيلي، وڏيري ناڙو ڏاريجو، رياض ڪيميٽو، شاعر غفار جمالي، خميسو خان پند، حاجن پند ۽ ٻين شرڪت ڪئي ريلي ۾ جسقم ايس يو پي نواز ليگ سميت ٻين سياسي سماجي تنظيمن جا اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32



ٺڪراڻي ۾ آل سنڌ منگي اتحاد جي سرپرست روشن علي منگي جو دورو وقت گروپ فوٽو

ٽنڊومحمدخان پرسان ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري سيڪنڊري پاران تقريب منعقد

تقريب ۾ سر سيد اڪبر علي شاهه ۽ سر عبدالرشيد سومري کي اجرڪن جا تحفا گلن جا هار پارايا ويا

محمد حسن ڏاڏون استاد ارباب الله بچايو ڪوسو الغوزي نواز خان عباسي پاران سائين محمد بخش جماري شريڪ

ٽنڊومحمدخان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ايليمينٽري سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري سيد اڪبر علي شاهه ۽ عبدالرشيد سومرو هيڊ حب ڪلسٽر هاءِ اسڪول عبدالرحيم ڪاتيار پاران ڏاڏون جي معزز شخصيت ۽ نوجوان صحافي خان عباسي پاران عبدالرحيم ڪاتيار هاءِ اسڪول ۾ ڇهين جماعت جي ڪمزور ترين شاگردن لاءِ قائم ڪيل ماڊل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي*** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 23 آڪٽوبر 2023ع

سنڌ ۾ ميرٽ جو ٽائيٽنڪ ٻڏي ويو؟

هونئن ته سڄي ملڪ ۾ ميرٽ تي ڏکيا ڏينهن آيل آهن پر سنڌ ۾ ته ائين ٿو لڳي ته ميرٽ جو ٽائيٽنڪ ٻڏي ويو آهي. سنڌ ۾ ميرٽ سان اها جُٽ رکو هاٿوڪي ڳالهه ناهي پر ميرٽ جو ڪرياڪرم ڪڏوڪو ٿي چڪو آهي. نه تعليمي ادارن ۾ ميرٽ، نه نوڪرين ۾ ميرٽ. سنڌ ۾ شايد ئي ڪو ادارو رهيو هجي، جنهن جي سرير ۾ ڪرپشن جو ڪينسر سرايت نه ڪري ويو هجي. هڪ ئي ادارو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن هو، جنهن مان باصلاحيت نوجوانن کي ميرٽ جي اميد هئي پر ڳچ وقت کان ان اداري تي به آڱريون کڄڻ لڳيون آهن. هونئن ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان نوڪرين لاءِ مختلف وقتن تي ٿيندڙ امتحانن ۾ ميرٽ جي لتاڙ جا الزام لڳندا رهيا آهن پر تازو ميونسپل آفيسرن لاءِ ورتل امتحانن ۾ ميرٽ نه ٿيڻ بابت تمام گهڻيون دانهون ٿي رهيون آهن. اميدوارن پاران نتيجن کي رد ڪندي انهن کي عدالت ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ ميرٽ جو محافظ تصور ٿيندڙ هن اهم اداري جو تڪراري بنجڻ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو ۽ ڏکوئيندڙ آهي.

سنڌ ۾ هونئن ته گهڻي وقت کان، پرخاص طور تي گذريل ڏيڍ ڏهاڪي کان جن "عجب ڪرپشن جي غضب ڪهاڻين" جنم ورتو آهي، ميرٽ جو صرف نالو ئي ٻڌجي ٿو نه ته ان عرصي دوران ڇا نه آهي جيڪو سڪا رائج الوقت سان خريد ڪري نٿو سگهجي! 2008 ع کان 2013 ع واري دور ۾ جيڪا استادن جي مقررين ۾ "ميرٽ" ٿي، ان لاءِ خود سرڪاري ادارن جون رپورٽون به گهڻو ڪجهه ٻڌائين ٿيون. پوءِ وارن سالن ۾ به ميرٽ جي لتاڙ جو اهو تسلسل ٽٽندي نه ڏٺو ويو آهي. مطلب ته ميرٽ ۽ ڪرپشن گڏ نٿا رهي سگهن پر سنڌ ۾ ته ڪرپشن به ميرٽ تي ٿئي ٿي. هونئن ته سڄي ملڪ ۾ ميرٽ گهٽ ٿي نظر اچي جنهن جو تازو مثال ميڊيڪل جي ورتل اها ٽيسٽ آهي، جنهن جو پيپر ٽيسٽ کان اڳ ۾ ئي آئوٽ ٿي ويو هو. هن اهم ٽيسٽ جو اهو حشر ٿيڻ ڪانپوءِ اها ٽيسٽ رد ڪري ٻيهرونڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. امتحان کان اڳ ۾ پيپر جو آئوٽ ٿيڻ خواري جو سبب بڻيو آهي. دنيا جي چار سو يونيورسٽين جي لسٽ ۾ پاڪستان جي هڪ به يونيورسٽي شامل ناهي. دنيا ۾ اسان جي يونيورسٽين جي ڊگرين کي گهڻي اهميت نٿي ملي، جنهن جو سبب صاف ظاهر آهي. سنڌ ۾ ته حالت وڌيڪ خراب آهي. هڪ ته منظم رٿابندي ۽ سازش تحت سنڌ ۾ تعليم جي سرڪاري شعبي کي هٿ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي، ٻيو ته سفارش ۽ رشوت عيوض ڀرتين ذريعي سسٽم کي تباهه ڪيو ويو آهي. جڏهن سنڌ جي دفتري سرشتي کان وٺي تعليم تائين هر شئي ڪرپشن ذريعي آيل ماڻهن جي هٿ ۾ ايندي ته مستقبل جو ڪهڙو منظر نامو بيهندو؟ بيوروڪريسي ۾ به رشوت ۽ سفارش ذريعي، ميرٽ جي لتاڙ ڪندي نااهل ماڻهن کي انٽري ڏني ويندي ته اهو طبقو سنڌ ۾ ڪرپشن کي ادارتي قبوليت نه ڏياريندو ته ٻيو ڇا ڪندو؟ سنڌ ۾ انتهائي باصلاحيت ۽ اهل نوجوان موجود آهن پر ڪرپشن واري بالادست سرشتي ۾ انهن کي موقعا ميسر نٿا ٿين ۽ اهي امتحان ڏيندي، انتظار ڪندي نوڪرين واري عمر جي حد عبور ڪري ٿا وڃن.

اسان ان راءِ جا آهيون ته ڪو ادارو ڪرپٽ نه هوندو آهي پر ان اداري ۾ ڪجهه ماڻهو ميرٽ جي قتل ۾ ملوث هوندا آهن. اهي ئي اداري جي بدنامي جو سبب بڻجندا آهن. اهي ئي سڄي سسٽم جي تباهي جا ذميوار هوندا آهن. هن وقت ميونسپل آفيسرن جي امتحان جي نتيجي تي جهڙي نموني اعتراض اٿاريا ويا آهن، ان تي سنجيدگي سان ويچارڻ جي ضرورت آهي. سماجي ميڊيا تي ته اهو پڻ رپورٽ ٿيو آهي ته لکت واري امتحان ۾ 93 سيڪڙو مارڪون کڻندڙ نوجوان کي به زباني امتحان ۾ فيل ڪيو ويو آهي. اسان اها گهر ٿا ڪريون ته جڏهن معاملو اهم اداري جي ساک جو هجي ته ان لاءِ عدالتي جاچ ضروري آهي ته جيئن حقيقت سامهون اچي سگهي ۽ هن اداري تي سنڌ جي نوجوانن جو اعتماد بحال ٿي سگهي. ميرٽ جي قتل ۾ ڪن فردن جي ملوث هجڻ جي ثابتي ملي ته انهن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي ۽ نتيجا رد ڪري ٻيهر امتحان ورتو وڃي.

نواز شريف جو ملڪ پهچڻ ۽ لاهور پاور شو!

تحرير: غلام حسين لغاري

پاڪستان مسلم ليگ (ن) پنهنجي قائد محترم محمد نوازشريف جي پاڪستان واپسي تي لاهور ۾ مينار پاڪستان وٽ پنهنجو ڀرپور پاور شو ڪيو آهي جنهن ۾ چئني صوبن جا ماڻهو ۽ ڪارڪن گهرايا جن ۾ هزارين شرڪاءِ نظر آيا جن کي هٿن ۾ جهنڊا ۽ ن ليگ جي لوگو وارين قميصون پاتل هيون جيڪي خاص ڌنن ۽ ترانن تي ناچ ڪندي جمهريون هڻي رهيا هئا. هونئن به پنجاب ن ليگ جو ڳڙهه رهيو آهي ۽ هاڻ به آهي هن پاور شو جي اصل پاور هجو تڏهن ئي پتو لڳي سگهي ٿو جڏهن ن ليگ جي مخالفن کي به هن قسم جو پاور شو ڪرڻ جي اجازت ۽ اهي سهولتون ملن جيڪي ن ليگ جي ڪالهوڪي پاور شو کي مليون ڪٿي به ڪا رنڊڪ ڏسڻ ۾ نه ملي.

وطن روانگي کان اڳ ن ليگ قائد ميان محمد نواز شريف دبئي ايئرپورٽ جي لائونج ۾ صحافين سان مختصر ڳالهه ٻولهه ڪئي جنهن ۾ هن جو چوڻ هو ته سندس من ۾ ڪنهن به قسم جو انتقام ناهي .هن سڀ ڪجهه خدا تي ڇڏيو آهي ۽ اهو ئي بهتر ڪندو. هن اهي به الفاظ پڻ دهرايا ته اسان نائين مئي وارا ناهيون ۽ 28 مئي وارا آهيون جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ن ليگ قائد نائين مئي واري بيان کي ايندڙ چونڊن ۾ استعمال ڪرڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو آهي.هونئن به پي ٽي آءِ جي مک ڪردارن ۽ اڳواڻن نائين مئي وارن جي واقعن جي سخت مذمت ڪندي پارٽي قائد عمران خان کي اڪيلو ڪري ويا آهن جنهن جو سڌو سنئون فائدو به ن ليگ کي ئي پهچندو ميان صاحب اهو به باور ڪرايو آهي ته ن ليگ چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ تيار آهي پر ان لاءِ وقت جو اعلان اليڪشن ڪميشن ڪندي جيڪا هن وقت تڪبندين ۾ مصروف آهي جڏهن ته پ پ ن ليگ جي اهڙي موقف خلاف آهي ۽ نوي ڏينهن اندر چونڊن ڪرائڻ جي حق ۾ آهي، سپريم ڪورٽ ۾ به هن ڏس ۾ ڪيس ٻڌڻي لاءِ لڳي چڪو آهي ڏسجي ته عدالت ڪهڙو ٿي فيصلو ڏئي جو آئين ۽ قانون مطابق سمجهيو وڃي ٿو.

ميان محمد نواز شريف اهو به ورجايو آهي چئن سالن بعد ته جنهن وقت وطن واپس پهچي رهيو آهي ته حالتون ڪجهه مختلف آهن جو 2017 ۾ وزارت عظميٰ جو عهدو ڇڏڻ بعد ملڪ جتي ڇڏي ويو هو اڄ اتي ناهي.ملڪ معاشي مسئلن ۽ غربت جو شڪار ٿي چڪو آهي جنهن کي هو ٻاهر ڪڍڻ ۽ ٻيهر پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ حتي الامڪان ڪوشش ڪندو عام راءِ اها آهي ته ملڪ جي معاشي تباهي مهانگائي ۽ وڌندڙ غربت ۾ ن ليگ جو خود به وڏو هٿ آهي جو گذريل ڏيڍ سال دوران ميان محمد شهباز تا. شريف جي حڪومت هئي ۽ نائٽي وارو وزير اسحاق ڊار به سندن گهر ڀاتي هو جيڪو ملڪ کي پنهنجي پيرن تي واپس بيهاري ته نه سگهيو البت عوامي ضرورتن وارين سمورين شين جا اگهه وڌيئي ڇڏيا هئا.ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڪجهه پي ٽي آءِ ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙيو ته ن ليگ ۽ سندس اتحادي پي ڊي ايم ۾ شامل پارٽين به ڪين گهٽايو.

ن ليگ قائد ميان محمد نواز شريف مشرف دور حڪومت ۾ به جلاوطن رهيو ۽ اين آر او وٺي واپس وريو پوءِ به سندس وطن واپسي تي لاهور ايئرپورٽ تي لهڻ نه ڏنو ويو هو. پر هن ڀيري سندس جهاز کي وڏي پروٽوڪول ۽ مان سان بنا ڪنهن رنڊڪن جي اسلام آباد جي ايئرپورٽ تي لهڻ ڏنو ويو جو بظاهر ته ملڪي عدالتن ٿوري مدت ۾ ڪيس وڏو رليف ڏنو. سندس راهداري ضمانت ڪئي ۽ وارنٽ گرفتاري معطل ڪيا. اسلام آباد ايئرپورٽ پهچڻ ڪيس وي وي پي آءِ پروٽوڪول مليو ۽ ايئرپورٽ جو اسٽيٽ گيسٽ لائونج فراهم ڪيو ويو جتي هن اسحاق ڊار سميت ڪجهه پارٽي اڳواڻن سان ملاقات ڪئي ۽ مختلف ڪيسن ۾ پٽيشنن داخل ڪرڻ لاءِ ڪاغذات تي صحيحون ڪيون جو 24 آڪٽوبر تي عدالت ۾ سرينڊر ڪرڻ جو وقت ڏنو آهي.

هڪ ڳالهه نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته جڏهن ميان صاحب عدالت کان سزا ڪاٽي ڪيس نااهل ڪيو ويو ته انوقت ن ليگ ماڻهن کي روڊن تي آڻڻ ۾ بلڪل ناڪام رهي يا وري پرڏيهه علاج لاءِ پٺي ويو تڏهن به پارٽي ۾ خاموشي ڇانيل هئي. جڏهن ازخود جلا وطني ختم ڪري چئن سالن بعد واپس وطن وريو آهي ته لکن جي انگ ۾ پارٽي ورڪر سندس استقبال لاءِ روڊن تي نظر آيا.مينار پاڪستان تي جلسي گاهه جي انتظامن ۽ ورڪرن جي خاطر تواضع ڪرڻ لاءِ ٿي چيو وڃي ٿو ته اربين رپيا خرچ ٿيا آهن. جڏهن ته چئني صوبن مان ڪارڪن ۽ ٻيا ماڻهو گهرائڻ تي به ظاهر آهي ته اربين رپيا خرچ آيو هوندو جو خاص ٽرينون ۽ بسون هليون آهن هن وقت جڏهن ملڪي خزانو خالي پيل آهي ۽ ملڪ معاشي طور تباهه حال آهي ته پوءِ اربين رپيا خرچ ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو پاور شو ڀلي ٿين جمهوري حق آهي جلسا ڀلي ٿين جمهوري حق آهي پر پاور شوز تي اجايا پئسا خرچ ڪرڻ سان ملڪ جي معاشي تباهي وڌي ٿي.ڪو ته پردي پويان اهو خرچ ڪندو هوندو ميان صاحب کي جلد بازي ۾ عدالتي رعايت ۽ پروٽوڪول ملڻ ۽ سندس ايڏو وڏو استقبال ٿيڻ. اربين رپيا خرچ ٿيڻ پويان ڪي ته هٿ آهن جيڪي ڪيس چوٿو پيرو وزير اعظم بنائڻ چاهين ٿا.

ن ليگ پي ڊي ايم جو حصو رهي آهي ۽ انجي سهولتڪاري هيٺ ئي پي ٽي آءِ جي حڪومت خلاف ايوان ۾ بي اعتمادي آڻي حڪومت ڪيرائي وئي ۽ ميان محمد شهباز شريف کي ملڪ جو وزيراعظم بڻايو ويو پورو ڏيڍ سال ن ليگ ۽ پ پ پ وچ ۾ گڏجاڻيون ٿينديون رهيون پر هن وقت ڌرين ۾ رابطن جو سلسلو ڪٽجي چڪو آهي.پ پ پ سميت ڪنهن به ٻي مک سياسي پارٽي اسلام آباد يا لاهور جي ايئرپورٽس تي ميان محمد نوازشريف جو استقبال ڪرڻ لاءِ ڏسڻ ۾ نه آيا جنهن مان به ڌرين ۾ دوريون محسوس ٿي رهيون آهن.جيتوڻيڪ ٻنهي ڌرين ۾ مفاهمتي سياست وارو لنڊن ناهه ٿيل هو تنهن هوندي به جڏهن سيد يوسف رضا گيلاني کي سپريم ڪورٽ هٽايو هو ته مخالف ڌر جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ ميان محمد نوازشريف ڪيس فوري طور عهدو ڇڏڻ ۽ اپيل وسيلي فيصلي اچڻ جو انتظار ڪرڻ جو زور ڀريو هو هن وقت به ڌرين ۾ اهي دوريون وڌي رهيون آهن ۽ ممڪن آهي ته پ پ پ چئني صوبن ۾ ن ليگ جو سخت مقابلو ڪري ۽ ڪجهه پارٽين سان اتحاد به ڪري.

هن وقت ن ليگ قائد ميان محمد نوازشريف جو بال عدالتن ۾ آهي اهي ئي ڪيس مليل سزائن ۽ نا اهلي بابت پنهنجو فيصلو ٻڌائي سگهن ٿيون جنهن لاءِ هو 24 آڪٽوبر تي لاڳاپيل عدالتن ۾ پاڻ کي سرينڊر ڪرڻ لاءِ پهچندو جيڪو قانوني ۽ آئيني طريقو آهي پر ڪجهه سياسي ۽ قانوني حلقا ان خيال جا به آهن ته ميان صاحب کي شايد ئي 2024 وارين چونڊن نصيب ٿين جو مٿس نا اهلي واري تلوار اٽڪيل آهي جيستائين اها نٿي هٽي، ممڪن آهي ته هڪ پيرو ٻيهر احتساب ۽ سڪيورٽي جا سبب سامهون آڻي چونڊن کي سال ڏيڍ پوئتي ڪيو وڃي پر انجو دارومدار به سپريم ڪورٽ جي ممڪن فيصلي تي منحصر آهي ڏسجي ته اها ڪهڙو فيصلو يا حڪم صادر ڪري ٿي.جيڪڏهن نا اهلي ختم نٿي ٿئي ۽ چونڊون به پنهنجي وقت تي ٿين ٿيون ته پوءِ ميان صاحب پنهنجي نياڻي کي بطور وزيراعظم سامهون آڻي سگهي ٿو جنهن جا به امڪان آهن.

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پُروڙ بات؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پرين جي.

سنڌ سطح جو دعوت اسلاميءَ جو ٣ روزه اجتماع

عبدالفتاح عباسي

الله جي مخلوق کي پنهنجي رب العالمين سان ملائڻ لاءِ اولياءِ الله ڪاملين پنهنجي صبر، تحمل، سادگي، درويشي، روحاني انداز ۾ ريجهائڻ لاءِ وڏا ڪشالا ڪاٽي جهڙي طرح مهربان طور طريقي سان محنتون ۽ ڪوششون ڪيون آهن انهي جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. انهن جو ڏينهن رات خوف خدا عزوجل ۽ عشق مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم ۾ گذري ٿو. تنهن ڪري ئي شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه فرمايو آهي ته "طالب ڪٺر سونهن اي رومي جي رهاڻ. ڀهرين وڃائڻ پاڻ پسڻ پوءِ پرينءَ جو ٿئي". هن موجوده فتني ۽ فساد واري دور ۾ جتي فرنگي تهذيب جي يلغار زورن تي آهي انهيءَ وقت ۾ دعوت اسلامي جا باني و امير حضرت علامه مولانا محمد الياس "عطار" قادري رضوي پنهنجي سموري زندگي جهڙي طرح ديني خدمتن ۾ صرف ڪندي گذاري آهي انهيءَ جو مثال تاريخي قديم ڪتابن ۾ حوالا ملن ٿا. جهڙي طرح هن مرد قلندر ڀهريان پاڻ ڪنهن به شيءِ تي عمل ڪري پوءِ ٻين کي ترغيب ڏني آهي سنتن جي هن پيڪر جهڙي طرح دنيا جي ڪندڪڙڇ ۾ خاص ڪري نوجوانن کي پنهنجي آقا ۽ مولا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم ڏانهن مائل ڪري انهن کي مختلف روحاني بيمارين مان نجات ڏياري سميت جهڙي طرح شريعت مطهره جي محبت دلين ۾ آڻڻ لاءِ ڪوشش وٺي نوجوانن جي جهڙي تي سنت مطابق ڏاڙهي سونهاري پاڪ سجائڻ جي ترغيب ڏياري ۽ زندگي جي مختلف معاملات ۾ شريعت پاڪ جي پاسداريءَ جو درس ڏيئي ڪامل بنائڻ جو جذبو عطا ڪيو آهي ڪي دنيا ساراهي ۽ واکاڻي ٿي ۽ جيڪي ڪلهه تائين معاشري جي لاءِ بهتر نه سمجها ويندا هيا اهي اڄ الحمدلله دعوت اسلاميءَ جي مدني ماحول جي برڪت ۽ ڪامل اڪمل بزرگ هستي اميراهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس "عطار" قادري رضوي جي صحبت بابرڪت سبب اٿندي ويهندي گهمندي ڦرندي هر حال ۾ الله رب العالمين شڪر بجا آڻيندي درود وسلام "الصلوات والسلام عليڪ ياسيدي يارسول الله" وعليٰ آلڪ واصحابڪ ياسيدي يارسول الله "پڙهندا رهن ٿا. الله پاڪ جي رضا وخوشنودي لاءِ دعوت اسلامي ديني خدمتن سان گڏ ئي دنيا جي سموري مخلوق لاءِ بنا ڪنهن رنگ ۽ نسل انساني جذبي تحت جهڙي طرح تازو ڪورونا جي لاڪ ڊائون ۾ لکين ماڻهن جي خير خواهي ڪئي ۽ مزدور طبقي جيڪي روزاني جي اجرت تي ڪم ڪار ڪندڙ هيا انهن جي گهر ۾ نه صرف اٽو، کنڊ، دالين، چانور وغيره پهچايا پر گڏو گڏ ٿي سندن جي راشن سان گڏ ڪجهه رقم خيرخواهيءَ تحت پڻ ڏني ۽ ٿيليسيميا جي مريضن کي مفت ڪرونا جي دوران رت جو عطيو ڏنو ۽ مختلف وقتن ۾ ٻوڏ متاثرين ٽوڙي ٻند جا هجن يا آزاد ڪشمير ۾ زلزلي متاثر ماڻهو هجن مدد ڪرڻ دعوت اسلامي جو اولين ڪم رهيو آهي. تازو سڀ کان پهرين فلسطين جي مظلوم مسلمانن جي عملي طرح واهر مدد ڪرڻ لاءِ دعوت اسلامي جي سماجي ڀلائي واري فيضان گلوبل ريليف فائونڊيشن (ايف جي آر ايف) شعبي پاران مدد جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. هن مبارڪ مدني ماحول ۾ ڀهريان انسانيت جو سبق ملڻ لڳي ٿو ۽ پوءِ انسانيت جي جذبي ۾ ماڻهوءَ مان جڏهن انسان بڻجي وڃي ٿو ته دنيا آخرت ٻئي سوڃارا ٿي وڃن ٿا. دعوت اسلامي هڪ اهڙي مبارڪ ۽ منظم تحريڪ آهي جنهن هر شعبه زندگيءَ ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي، جنهن معاشري ۾ بدي برائي، بي حيائي، بي راهه، چڙواڳي، ڪرپشن، لوٽمار ۽ وڪ وڪ تي عوام آزارينڊڙ مافيائون عروج تي پهتل هجن، اهڙي ماحول ۾ عوام جو جيئڻ جنجال بڻجي وڃي ٿو. جنهن ڪري اڪثر ڊپريشن جو شڪار فرنگي تهذيب کان متاثر نوجوان پنهنجي ڪم عقليءَ سبب پنهنجي والدين کي هميشه جي لاءِ گهاءَ ڏيندي خود ڪشي کي مسئلن جو حل سمجهندي جيڪو ڀيانڪ قسم جو عمل ڪيو وڃي ٿو انهن مسئلن جي حل لاءِ موجوده دور ۾ پريڪٽيڪلي عملي نموني سان جهڙي طرح تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ "دعوت اسلامي" معاشري جي هر فرد لاءِ هر شعبه زندگيءَ ۾ خوب ملهائي رهي آهي، جنهن جو شايد موجوده صديءَ ۾ ڪو به ثاني نٿو ٿي سگهي، چاڪاڻ ته ڳالهيون ته هرهڪ ڪري سگهي ٿو پر دعوت اسلامي جي ٽي روزه سنتن ڀريل اجتماع ۽ عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه ڪراچيءَ ۾ جنهن انداز سان سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪجهه شهرن جي اسلامي ڀائرن جي تربيتي نشستون لڳائي مبلغين دعوت اسلامي ديني اسلامي سنت رسول الله صلي الله عليه وسلم سان مشڪبار بيانات ڪري رهيا هئا ۽ 3 ڏينهن هزارين عاشقان رسول جي طعام ۽ قيام جو احسن انداز ۾ بندوبست ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهه ناهي سو به انتهائي ڊسيپلين نظم وضبط سان دعوت اسلامي جا رضاڪار ورڪر سرانجام ڏيندي ڏٺا ويا.

اسان کي دعوت اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه ڪراچي ۾ ٽن ڏينهن ۾ ايڏو مزو آيو آهي جو زندگي جي 40 سالن ۾ نه مليو آهي، هتي روحاني سڪون ۽ نو ٽينشن پريشانين کان آجي آزاد زندگيءَ جو عملي تصور ڏسڻ ۾ ملي رهيو آهي، انهن چيو ته دعوت اسلامي جي باني اميراهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس "عطار" قادري سائين جن جي صحبت بابرڪت ۾ رضاءِ الاهي ۽ عشق رسول الله صلي الله عليه وسلم جو جذبو ملي رهيو آهي ۽ هتي عملي طرح محبت رسول پاڪ جا منظر ڏسي سگهجن ٿا. انهي دوران ٻاهران آيل اهم شخصيتن کي مدينته العلماء جتي دعوت اسلامي پاران ديني اسلامي ڪتابن ۽ اسلامي رسالن جو تحريري ڪم ٿئي ٿو ۽ مدني چئنل جي مرڪزي آفيس سميت مختلف ڊپارٽمينٽن جو وزٽ ڪرايو ويو. جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته دعوت اسلامي ويلفيئر ٽرسٽ سماجي خدمتن ۾ ڪرونا لاڪ ڊائون سميت ٻين موقعن تي پنهنجون خدمتون ڏيندي رهي آهي. جڏهن ته مدني تحريڪ دعوت اسلامي 106 مختلف شعبا جات ۾ 35 هزار کان وڌيڪ ملازم ڪم ڪار ڪري رهيا آهن. هيءَ سڄو ڪم ڪار ڪيئن پيو ٿئي اهو سوال آخر ۾ رهي ٿو؟. جنهن لاءِ مبلغين جو چوڻ آهي ته هن پوري سسٽم نظام کي هلائڻ جي لاءِ دعوت اسلاميءَ جهڙي مدني روحاني تحريڪ سان محبت ڪندڙ لکين ڪروڙين عاشقان رسول نه صرف پاڪستان جي چئني صوبن ۾ پر پوري دنيا جي اندر هن تحريڪ سان محبت ڪندڙ عشر، زڪوات، صدقات، عيدالاضحيٰ جي موقعي تي جانورن جي قربانيءَ جون کليون ڏيڻ سميت مختلف حوالن سان هن تحريڪ لاءِ پاڻ اريپندڙ ماڻهو بغير ڪنهن نالي ۽ ڏيکاءَ جي به مدد ڪري وڃن ٿا ۽ ملڪ جي ڪندڪڙڇ ۾ مدرسته المدينه ۽ جامعته المدينه، خدام المساجد (مسجدون تعمير ڪندڙ شعبو) ملڪ ۽ ٻيرون ملڪ ۾ خدمتون ڏيئي رهيا آهن.

بقايا 01

ڪيل ماڻهو جي ايڇ ڪيو راولپنڊي ۽ ڪور ڪمانڊر هائوس لاهور تي حملي ۾ ملوث آهن. گرفتار ماڻهو پي اي ايف بيسن ميانوالي، آءِ ايس آءِ سول لائين فيصل آباد تي حملي ۾ به ملوث آهن. درخواست موجب گرفتار ماڻهو حمزه ڪيمپ، بنون ڪيمپ ۽ گوجرانوالا ڪيمپ تي حملي ۾ ملوث هجڻ تي گرفتار ڪيا ويا آهن. وفاقي حڪومت طرفان جمع ڪرايل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته 9 ۽ 10 مئي جي واقعن جي روشني ۾ 102 ماڻهو گرفتار ڪيا ويا ۽ اهڙن ماڻهن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ فوجي عدالتن ۾ ٽرائيل شروع ڪيو ويو آهي جڏهن ته گرفتار ماڻهن جي مفاد کي نظر ۾ رکندي ٽرائيل ڪيو پيو وڃي. درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته فوجي عدالتن ۾ ٽرائيل دوران ڏوهاري ثابت نه ٿيڻ تي بري ٿي ويندو ۽ فوجي عدالتن ۾ ٽرائيل سپريم ڪورٽ جاري ڪيس جي فيصلي سان مشروط ٿيندو. درخواست ۾ ٻڌايو ويو آهي ته فوجي عدالتن ۾ ٽرائيل کان پوءِ جيڪو ڏوهاري هوندو ان کي سزائون ڏنيون وينديون. 9 ۽ 10 مئي جي واقعن ۾ ملوث ماڻهو جيڪي ڏوهه موجب جيل ڪاٽي چڪا آهن انهن کي آزاد ڪيو ويندو جڏهن ته فوجي ٽرائيل کان پوءِ قانون موجب سزائن خلاف ڏوهاري يافته ماڻهو لاڳاپيل فورم سان رابطو ڪري سگهندا.

بقايا 02

ڪڏهن نه ڇڏڻ جي عزم جو اظهار ڪندي چيو ته اسان پنهنجي سرزمين ڪڏهن نه ڇڏينداسين ۽ نه ڪير اسان کي پنهنجي سرزمين تان بي دخل ڪري سگهي ٿو. اجلاس سان خطاب ۾ سعودي پرڏيهي وزير فيصل بن فرحان به اسرائيلي ڪوشش کي رد ڪندي عالمي برادري کان اسرائيل کان عالمي قانونن جي پاسداري ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو. اردن جي شاهه عبدالله فلسطينين کي جبري طور ڪڍڻ کي جنگي ڏوهه قرار ڏيندي چيو ته عرب دنيا کي هن وقت پيغام ڏنو پيو وڃي فلسطينين جون زندگيون اسرائيل جي پيٽ ۾ ڪا اهميت نه ٿيون رکن. امن اجلاس سان خطاب ڪندي يورپي ڪائونسل جي صدر چارلس مائيڪل چيو اسان سمجهون ٿا ته ان مسئلي تي امن قائم ڪرڻ لاءِ سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. اجلاس ۾ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس ۽ فرانس غزا ۾ انساني بنيادن تي جنگبندي جو مطالبو ڪيو اجلاس جي ميزبان مصر جي صدر عبدالفتاح السيسي چيو اميد ته شرڪت ڪندڙ فلسطين مسئلي جي مستقل حل ۽ امن لاءِ قدم کڻندا، مسئلي جو واحد حل آزاد فلسطيني رياست آهي.

بقايا 03

آهي. هن چيو ته اهي نيون بسون مستقبل قريب ۾ شهر جي روڊن تي اينديون جيڪي عوام کي بهترين سفري سهولتون فراهم ڪنديون. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اهي بسون پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي خريد ڪيون هيون. واضح رهي ته پيپلز پارٽي جي دور ۾ شروع ڪيل پيپلز بس سروس جي ٻئي مرحلي ۾ 30 بسون ڪراچي پهچي ويون آهن.

بقايا 04

ڪرڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. ذريعن ٻڌايو آهي ته پيٽروليم ڊويزن جي سمري ۾ گئس جو ٽيرف 193 سيڪڙو تائين وڌائڻ ۽ گهريلو صارفين لاءِ گئس 172 سيڪڙو تائين مهانگي ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. ٻئي ڪيٽيگريز لاءِ گئس جي قيمت ۾ تقريبن 193 سيڪڙو تائين واڌ جي تجويز ڏني وئي آهي ۽ پروٽيڪٽڊ صارفين لاءِ فڪسڊ ماهوار چارجز 10 مان وڌائي 400 روپيه ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. ذريعن موجب برآمدي انڊسٽريز جي ٽيرف ۾ 950 روپيه، ايڪسپورٽ انڊسٽريز جو ٽيرف 2050 روپيه، غير برآمدي صنعتن جي ٽيرف ۾ 1400 روپيه، غير برآمدي صنعتن جو ٽيرف 2600 روپيه ۽ سي اين جي لاءِ گئس جي قيمت 2 هزار 595 روپيه في ايم ايم بي ٽي يو وڌائڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. سي اين جي سيڪٽر لاءِ گئس جو ٽيرف 4400 روپيه في ايم ايم بي ٽي يو جڏهن ته بجلي جي ڪارخانن ۽ تندورن لاءِ گئس جون قيمتون برقرار رکڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.

بقايا 05

جي فلور تي ڪيو هو سيڪريٽري ليبر شارق احمد نگران وڏي وزير کي ٻڌايو ته گهٽ ۾ گهٽ اجرت رپيا جي منظوري ڪابينا کان منظور ٿيڻ رهيل آهي. نگران وڏي وزير سندس هدايت ڪئي ته ڪابينا لاءِ سمري پيش ڪئي وڃي، ان کي سرڪيوليشن ذريعي منظوري ورتي وڃي ۽ تنهن تي پوءِ عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي. پورهيت اڳواڻن ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته ليبر کاتي جا ڪجهه آفيسر پورهيتن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سٺا اپاءَ وٺندا آهن پر لاڳاپيل آفيسرن جي هر هر مقررين ۽ بدلين سبب مسئلا حل ناهن ٿي سگهندا. نگران وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته عورت پورهيت کي مرد مزدورن جي ڀيٽ ۾ گهٽ پگهار ڏني ويندي آهي ۽ جڏهن عورت ورڪر کي خاص طور تي ٽيڪسٽائل سيڪٽر ۾ 42 کان 45 ورهين جي ڄمار ۾ پوڙهيو قرار ڏئي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويندو آهي يا ملازمت ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويندو آهي. جسٽس (ر) مقبول باقر ان ڳالهه کي سنجيدگي سان ورتو ۽ ليبر کاتي کي هدايت ڪئي ته هو اهڙي غير انساني تعصب جي خاتمي لاءِ ضروري انتظامي اپاءَ ورتا وڃن. هن چيو ته سينيئر ورڪر خاص طور تي عورت صنعتي يونٽن جو اثاثو ثابت ٿئي ٿي سندس تجربي مان فائدو کڻڻ گهرجي.

بقايا 06

ناهي ڪري سگهي. هن وقت به 4 سئو کان وڌيڪ ننڍي عمر جا قيدي سنڌ جي مختلف جيلن ۾ قيد آهن. جتي تعليم ۽ تربيت سميت علاج جي ڪا به سهولت ناهي. ان ڏس ۾ چيئرمين سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن گهرو سيڪريٽري کي رماڻڊ هومز قائم ڪرڻ لاءِ خط اماڻي ڇڏيو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته 68 سال اڳ ننڍي عمر جي قيدين لاءِ قانونسازي ڪئي وئي. جنهن ۾ سنڌ چلڊرين ايڪٽ 1955 جي قلم 3 مطابق حڪومت ان ڳالهه جي پابند آهي ته ننڍي عمر جي قيدين لاءِ صوبي جي هر ضلعي ۾ رماڻڊ هومز قائم ڪري.

بقايا 07

ٻارن کي صنعتي يونٽ ۾ ڪم ڪرايو پيو وڃي ته اهو ڇا ڪري رهيو آهي؟ هن ليبر کاتي کان واقعي جي رپورٽ گهري ورتي ۽ متاثرن جي وارثن کي معاوضو ڏيڻ جو پڻ مطالبو ڪيو جسٽس (ر) مقبول باقر ليبر کاتي کي هدايت ڪئي ته انهن خاندانن جي ڀلائي لاءِ هڪ سلو ڪم ڪندڙ ڪانسيپٽ پيپر تيار ڪري جن جا ٻار مزدوري ۾ مصروف آهن هن نڇيو ته مان چاهيان ٿو ته ٻارن کي نوڪر طور ڪم ڪرڻ کان بچايو وڃي ۽ ساڳئي وقت سندن گهرن ۾ چلهو ٻرڻ گهرجي ته جيئن سندن خاندان جو پيٽ پالي سگهجي. نگران وڏي وزير چيو ته ليبر کاتي وٽ اهڙيون اسڪيمون شروع ڪرڻ لاءِ وسيلا موجود آهن. جن ۾ چائلڊ ليبر ۾ ملوث غريب خاندانن جي ٻارن کي ووڪيشنل ٽريننگ لاءِ رجسٽرڊ ڪري سندن خاندانن جي سهاري لاءِ اعزازي پگهار ڏئي سگهجي ٿي. نگران وڏي وزير ليبر کاتي کي هدايت ڪئي ته هو مزدورن جي بهتري لاءِ ليبر قانونن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ريفارمز ڪميٽي جوڙي وڃي. هن چيو ته ليبر کاتو ٽي او آرز سان گڏ پورهيتن، ايمپلائرز فيڊريشن، وڪيلن وغيره جي نمائندن تي ٻڌل ريفارمز ڪميٽي جوڙڻ جي تجويز ڏني.

بقايا 08

. هن پاڪستان جي جمهوريت ۽ عوام لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ کان ڪين ڪيٻايو. ميڊيا سيل بلاول هائوس مان جاري ڪيل پريس رليز مطابق پ پ چيئرمين بيگم نصرت ڀٽو جي 12هين ورسي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيس خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته مادر جمهوريت عهد ساز شخصيت هئي. جنهن پاڪستاني عوام کي حق حاڪميت ڏيارڻ لاءِ هم بدترين آمر جي خلاف تاريخي تحريڪ جي قيادت ڪئي. قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي عدالتي قتل کان پوءِ جيستائين صحت ساٿ ڏنو بيگم نصرت ڀٽو عوامي حقن جي ويڙهه وڙهندي رهي ۽ هڪ ڏينهن به سڪ سان نه ويٺي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته مادر جمهوريت جا قدر ۽ جدوجهد اسان لاءِ مشعل راهه آهن. هوءَ اسان جي دلين ۽ تاريخ ۾ هميشه زندهه رهندي. اجوڪو ڏينهن وچن ڪرڻ جو ڏينهن آهي ته اسان انهي جرئت عزم ۽ استقلال سان عوام جي حقن جي جدوجهد جاري رکنداسين. جهڙي طرح مادر جمهوريت جدوجهد ڪئي وئي.

بقايا 09

جو حياتيون خطري ۾ پئجي ويون آهن. اسرائيل جي غزا تي جاري بمباري اولهه ڪناري کي ڪنڊر جو ڍير بڻائي ڇڏيو آهي. 60 سيڪڙو عمارتون ملبي ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن ۽ هيڊن جو انگ ساڍا چار هزار کان به وڌي چڪو آهي جن مان اڌ کان وڌيڪ انگ عورتن ۽ ٻارن جو آهي. بدترين انساني صورتحال ۾ غزا ۾ چاول 130 ٻارن جون حياتيون خطري ۾ آهن ۽ غزا جي ڊاڪٽرن دنيا کي خبردار ڪندي چيو آهي ته جيڪڏهن جلد ٻارڻ اسپتالن ۾ نه پهتو ته وڌيڪ ٻارن جون حياتيون ختم ٿي سگهن ٿيون.

بقايا 10

وطن واپس آيو آهي. نواز شريف جي آمد تي شريف خاندان جي سمورن ماڻهن ۽ ٻارڙن گڏجي استقبال ڪيو. نواز شريف جي پيٽ گهر ۾ داخل ٿيڻ تي پاءِ جو استقبال ڪيو مرحوم عباس شريف جي گهر ڀاتين سميت ۽ سمورن مٽن مائٽ ۽ ٻارڙن نواز شريف سان ملاقات ڪئي ۽ پنهنجي احساس ۽ جذبن جو احساس ڪيو ۽ ان موقعي تي جذباتي منظر ڏٺا ويا.

بقايا 11

۾ ٿيل تازي بمباري ۾ 55 فلسطيني شهيد ٿي ويا. اسرائيل جي تازي بمباري ۾ زخمين جو انگ 100 کان وڌيڪ آهي جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن جڏهن ته اسپتال تي اسرائيلي حملي بعد طبي سرگرميون به بند آهن. غزا ۾ لکين ماڻهو بجلي ۽ خوراڪ کانسواءِ زندگي گهارڻ تي مجبور آهن. رفح ڪراسنگ تان رکو 20 امدادي ٽرڪن کي داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني وئي آهي. اسرائيلي فوج اولهه ڪناري ۾ هڪ مسجد کي نشانو بڻايو جنهن ۾ هڪ نمازي شهيد ٿي ويو جڏهن ته ڪيترائي زخمي آهن. ان کان اڳ اسرائيل تاريخي مسجد العمري کي به شهيد ڪيو هو واضح رهي ته 7 آڪٽوبر تي حماس جي اسرائيل تي حملي ۾ 1400 اسرائيلي مارجي ويا هئا جڏهن ته ان کان پوءِ اسرائيلي بمباري ۾ شهيد ٿيل فلسطينين جو انگ 4385 ٿي ويو آهي ۽ 14 هزار کان وڌيڪ زخمي آهن.

بقايا 12

يا جن کان 9 مئي تي ڪا غلطي ٿي آهي يا جيڪي بي گناهه جيلن ۾ آهن انهن کي عام معافي ڏيارڻ آهي. هن چيو ته سموري قوم هن امن مشن ۾ منهنجي ٽوئيٽر تي منهنجو ساٿ ڏئي. مون ڪڏهن به پنهنجي ٽوئٽر جي اپيل ناهي ڪئي پر اڄ مان ڀرپور پيرو اپيل ڪري رهيو آهيان ته 9 مئي جي غلطي جن ماڻهن کان ٿي آهي ان جي عام معافي جي اپيل واري مشن ۾ منهنجو ساٿ ڏين. هن وڌيڪ چيو ته سياڻي کان مان هن مشن جي شروعات ڪري رهيو آهيان قوم جي دعائن جي ضرورت آهي. انشاءالله ڪاميابي اسان جو مقدر بڻجندي ۽ رب پاڪ اسان جي مائرن، ڀينرن، ڌيئرن جي دعائن جي صدقي هن مشن ۾ ضرور ڪاميابي عطا ڪندو.

بقايا 13

جاري ڪري ڇڏيو موسميات کاتي مطابق سامونڊي طوفان جي آس پاس 100 کان 110 ڪلوميٽر هڪ ڪلاڪ جي رفتار سان هوا هلي رهي آهي. ۽ سسٽم جي چوڌار 25 فٽن تائين لهرون اٿي رهيون آهن. سامونڊي طوفان جو رک عمان ۽ يمن ڏانهن رهندو پاڪستان کي خطرو ناهي. موسميات کاتي جي سائڪلون وارننگ سينٽر مطابق طوفان گوادر کان 1750 ڪلو ميٽر ڏکڻ جڏهن ته ڪراچي کان 1810 ڪلو ميٽر ڏکڻ اولهه ۾ آهي. تيج عمان جي شهر سلالا جي ڏکڻ اوڀر کان 960 ڪلو ميٽر پري آهي. ٻئي پاسي سامونڊي طوفان جي خطري کي نظر ۾ رکي پراونشنل ڊيزاسٽر مينيجمينٽ اٿارٽي بلوچستان سامونڊي طوفان جي حوالي سان الرٽ جاري ڪري ڇڏيو جنهن ۾ گوادر، لس ٻيلو ۽ حب جي ڊپٽي ڪمشنرن کي تڪڙا قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 14

۾ جوابدارمنهن صاف نظر اچي ٿو ڪراچي ۾ عورتون ۾ ڦورن ۾ نشاني تي اچي وڃن آهن وڊيو ۾ نظر اچي ٿو ته ڪراچي جي علائقي ۾ انچولي ۾ موٽر سائيڪل جوابدار گهٽين ۾ عورت جي پونيان وڃي رهيو آهي. ۽ ان کي گهٽي مان گذرندڙ عورت کي روڪيو، عورتن کان پرس کسي ۽ ڦرار ٿي ويون. جڏهن ته پوليس پاران هن وقت تائين ڪا به گرفتاري عمل ناهي آئي.

بقايا 15

ملهائيندي ويندي. ان ڏس ۾ ڪراچي سميت سڄي ملڪ ۾ تقريبون ڪوٺايون وينديون. جنهن ۾ پيپلز پارٽي جا ڪارڪن نصرت ڀٽو جون وطن لاءِ خدمتن ۽ قربانين جي ياد تازي ڪندي. جڏهن ته مرحومه جي روح جي ايصال ثواب لاءِ فاتح خواني ۽ اجتماعي دعائون به ڪيون وينديون. بيگم نصرت ڀٽو 23 مارچ 1919 ع ۾ برادر اسلامي ملڪ ايران جي شهر اصفحان ۾ ڄائي. هن 8 سيپٽمبر 1951 ع تي اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو سان پرڻو ڪيو محترمه نصرت ڀٽو ڊگهي بيماري کان پوءِ 23 آڪٽوبر 2011 ع تي لاڏاڻو ڪري وئي هئي.

بقايا 16

برانچ جي رپورٽ موجب ڪراچي ۾ 4 لک، جڏهن ته غير سرڪاري سروي مطابق سڄي سنڌ ۾ افغاني موجوده آهن اڍائي هزارن کان وڌيڪ افغانين کي ڪراچي ڊي پورٽ ڪيو ويو آهي. ٻئي پاسي ايڊيشنل ڪراچي خادم حسين رند انڪشاف ڪيو آهي ته شهر ۾ ڦرن ۾ گهڻي ڀاڱي افغاني ملوث آهن جيڪي پنهنجي دهشت ۽ خوف ڦهلائڻ لاءِ ڦر دوران ماڻهن کي قتل ڪرڻ کان به پاسو نٿا ڪن. ڪراچي پوليس چيف چيو ته شهر ۾ ڦر دوران گولي هلائڻ جو رواج افغانين آندو آهي. هلندڙ سال 110 کان وڌيڪ ماڻهو ڦرجي مزاحمت دوران قتل ٿيا. ۽ 24 سيپٽمبر تي ڪورنگي چمڙا چورنگي ويجهو طاهر زمان ۽ 2 ان جي 2 ورهين جي ڌيءِ انعم جي قتل ۾ به افغان گينگ جو هٿ ساٿي ملوث هو.

بقايا 17

جي رينجرز نوري آباد ايگزيڪيو ڪلب آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري جو دورو ڪيو ۽ ڪلب جي ميمبرن سان ملاقات ڪئي. نوري آباد ايگزيڪيو ڪلب آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري جي صدر ۽ ميمبرن ڊي جي رينجرز ميجر جنرل اظهر وقاص جو استقبال ڪيو. اجلاس واري خطاب ۾ سنڌ رينجرز پاران صوبي ۾ پائيدار امن قائم ڪرڻ ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪردار ۽ شهيدن جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ان موقعي تي ميجر جنرل اظهر وقاص چيو ته تاجر برادري جي ملڪي ترقي ۾ خاص ڪردار آهي. نوري آباد ۽ ٻي انڊسٽريل ايرياز ۾ سيڪيورٽي کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو پيو وڃي. هن چيو ته ڪراچي پاڪستان جو معاشي حب آهي. صنعتڪار بنا خوف ۽ خطري ڪاروباري سرگرميون جاري رکن. ڊي جي رينجرز علائقي جي سيڪٽر ڪمانڊر کي بزنس ڪميونٽي جي سيڪيورٽي بابت پيش ايندڙ مسئلن کي پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان گڏجي هنگامي بنيادن تي حل ڪرڻ جون هدايتون به جاري ڪيون ان موقعي تي انڊسٽريز جي ميمبرن ڪراچي ۾ امن امان بحال ڪرڻ جي سلسلي ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي خدمتن کي ساراهيو ۽ امن بحال ڪرڻ وارن قدمن ۾ پنهنجو ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو.

بقايا 18

ڀاءُ گولين هڻي ننڍي ڀاءُ ڀاڄائي کي قتل ڪري ڇڏيو ايس ايس پي ڪياماڙي عارف اسلم راءِ مطابق اتحاد ٽائون ۾ فائرنگ واقعو پيش آيو آهي. جنهن ۾ گهرو تڪرار تي وڏي ڀاءُ گولين هڻي ننڍي ڀاءُ ۽ ڀاڄائي کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جي سڃاڻپ ابراهيم ولد جمشيد ۽ شڪيلا زال ابراهيم جي نالي سان ڪئي وئي آهي. اتحاد ٽائون پوليس حسين ولد جمشيد کي گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪري ورتو آهي. پوليس ٻڌايو ته جوابدار پنهنجي ڀاڄائي کي غيرت جي نالي تي قتل ڪرڻ چاهي پيو. مقتول ڀاءُ زال کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ فائرنگ ۾ مارجي ويو مقتول جو اباڻو تعلق سوات سان آهي. جڏهن ته جوابدار ڀاءُ ۽ ڀاڄائي کي قتل ڪرڻ کان پوءِ گهر ۾ ئي موجود رهيو اهلڪار پهتا ته جوابدار پاڻ ئي گرفتاري ڏئي ڇڏي. ايس ايس پي ڪياماڙي مطابق جوابدار شروعاتي بيان ۾ گهرو تڪرار تي فائرنگ جو اعتراف ڪري رهيو آهي. پر سبب نه پيو ٻڌائي ان حوالي سان پوليس جاچ ڪري رهي آهي.

بقايا 19

چيو ته پاڪستان جهڙين حالتن مان گذري رهيو آهي ان ۾ سڀني ماڻهن جي ٽيم ٺاهڻ ضروري آهي. ملڪ ۾ گڏيل قومي ايجنڊا جي ضرورت آهي ۽ مفتاح اسماعيل سان ملاقات ۾ به ساڳئي قومي ايجنڊا تي ڳالهيون ٿيون. فاروق ستار چيو ته ڪراچي کي امن جو شهر بنائينداسين ان حوالي سان مفتاح اسماعيل جو معاشي وزن وڌيڪ آهي. ايم ڪيو ايم اڳواڻ چيو ته مفتاح اسماعيل کي ايم ڪيو ايم پاڪستان ۾ شموليت جي دعوت ڏئي ڇڏي آهي جنهن جي جواب ۾ مفتاح سوچي سمجهي جواب ڏيڻ جو چيو آهي. ذريعن موجب فاروق ستار ۽ مفتاح اسماعيل جي ملاقات 2 ڏينهن اڳ مفتاح اسماعيل جي رهائشگاهه تي ٿي هئي.

بقايا 20

ناهي، اسرائيل خلاف جهاد ۽ بغاوت جو اعلان ڪيان ٿو گورنر هائوس ۾ فلسطينين سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ رٿيل ميڙاڪي سان خطاب ڪندي ڪامران ٽيسوري چيو ته فلسطينين سان ٿيل ظلم تي دل رت جا ڳوڙها روئي ٿي. هن چيو ته امداد کڻي مصر وڃي رهيو آهيان، اسان پنهنجي سگهه موجب امداد کڻي وينداسين. سڄي قوم فلسطينين سان گڏ بيٺي آهي. سندس چوڻ هو ته اسان کي يهودي طاقتن بدران الله کان ڊڄڻ گهرجي، اسان کي هر پليٽ فارم تي فلسطينين لاءِ آواز اٿارڻ گهرجي، اسان سڀني کي هڪ ٿي فلسطين لاءِ آواز اٿارڻ گهرجي.

بقايا 21

دورو ڪيو ان جي آمد تي پوليس جي خاص دستي گارڊ آف آنر پيش ڪيو آئي جي سنڌ ٽريفڪ پوليس جي شهيدن جي يادگار تي گل چاڙهيا ۽ فاتح پڙهي ان موقعي تي ايڊيشنل آئي جي ڪراچي خادم رند به ان سان گڏ هو ڊي آئي جي ٽريفڪ اقبال دارا ٽريفڪ پوليس رينج جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ۾ ٻڌايو ته 1 هزار جي لڳ ڀڳ چالانٽنگ آفيسرز ۽ گهٽ ۾ گهٽ 9 هزار جي افرادي قوت حاصل آهي. جن مان ڪجهه جي بدلي ٿي وئي آهي. جن مان هن وقت ٽريفڪ پوليس جي افرادي قوت گهربل آهي. ٽريفڪ جي مانيٽرنگ لاءِ قائم روم ۾ اٽڪل 2 هزر جي لڳ ڀڳ ڪئمرا لڳل آهن. جڏهن ته گوگل ميپ جي ذريعي به ٽريفڪ جي مانيٽرنگ به ڪئي پئي وڃي. ٽريفڪ هيلپ لائن 1915 ۽ ايف ايم ريڊيو 88.9 تي موجوده عملو شهرين جي خدمت ۽ رهنمائي تي مقرر آهي. هن ٻڌايو ته ٽريفڪ پوليس وٽ 437 باڊي وورن ڪئمرا آهن. جن ڪا احتسابي عمل مدد ورتي پئي وڃي. ڊي آئي جي ٽريفڪ چيو ته اي اين پي آر ڪئمراز جي شاهراهه فيصل ان جي لاڳاپيل علائقن سائوٿ ۽ ايسٽ ۾ ٽريفڪ جي صورتحال جي مانيٽرنگ لاءِ 26 هنڌن تي لڳايون وينديون. آئي جي سنڌ هدايتون ڏنيون ته ايس پيز ٽريفڪ لاڳاپيل ضلعن ۾ ٽريفڪ ريزور فورس بڻائڻ جيڪي ايمرجنسي جي صورتحال ۾ بروقت روڪ ٿام قدمن کي يقيني بڻائي. هن چيو ته اسڪولز ڪاليجز ۽ يونيورسٽين ۾ ٽريفڪ قانونن کان آگاهي بابت وقت کان وقت پروگرامز جو اهتمام ڪيو وڃي ته جيئن شاگردن کي ٽريفڪ قانون بابت آگاهي ملي سگهي. آئي جي سنڌ هدايتون ڏنيون ته موٽرسائيڪلن جي فرنٽ ۽ پوئتي پاسي معياري پليٽس لڳائڻ سان گڏوگڏ ٽيل ۽ فرنٽ لائٽس کي به سهي حالت ۾ به رکڻ لاءِ شهرين کي پابند ڪيو وڃي ۽ ان ڏس ۾ باقائده مهم شروع ڪري مقرر مدو رکيو وڃي. جنهن کان پوءِ مدو گذرڻ کان پوءِ ٽريفڪ قانون تي عمل نه ڪندڙ جي خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 22

پاڪستان تي ڪامياب جلسي سميت نواز شريف جي ڪيسن جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. عوامي نيشنل پارٽي جي سينيئر اڳواڻ غلام احمد بلور به نواز شريف سان ملاقات ڪري ڏيهه وڻ تي مبارڪ ڏني. جاتي امرا رائيونڊ ۾ نواز شريف سان شهباز شريف، مريم نواز، حمزا شريف، اسحاق ڊار، پرويز رشيد، اعظم نذير تارڙ سميت ٻين ملاقات ڪئي. نواز شريف مينار پاڪستان تي ڪامياب ۽ تاريخي جلسي جي اهتمام تي پارٽي اڳواڻن جي ڪوششن کي ساراهيو ۽ مبارڪ ڏني. ان موقعي تي ملڪ تي موجوده سياسي صورتحال ۽ ايندڙ حڪمت عملي جي حوالي سان به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ شريڪ اعظم نذير تارڙ نواز شريف جي ڪيسن سميت عدالتي معاملن ۽ 24 تاريخ جي ڪاروائي حوالي سان بريفنگ ڏني، نواز شريف چيو ته اسان هميشه قانون جو احترام ڪيو آهي. مان مريم شهباز شريف ۽ حمزا شهباز سميت ۽ پارٽي جي اڳواڻن سميت بي بنياد ڪيسن کي منهن ڏنو الحمد الله سڀ ماڻهو بي بنياد ڪوڙن ڪيسن ۾ سرخرو ٿيا. نواز شريف چيو ته مان عوام لاءِ آيو آهيان. منهنجي دعا آهي ته عام ماڻهو خوشحال ٿي. ان حوالي سان عوامي نيشنل پارٽي جي سينيئر اڳواڻ غلام احمد بلور ملاقات ڪري وطن واپسي تي مبارڪ ڏني. ان موقعي تي ملڪي سياسي صورتحال تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 23

اسرائيلي ظلمن خلاف عورتن ڌرڻو هنيو

بقايا 24

ميڊيا جي رپورٽس موجب ڀارت طرفان امداد انساني بنياد تي موڪلي وئي جيڪا مصر ۾ رفح ڪراسنگ ذريعي غزا موڪلي ويندي.

پرڏيهي معاملن جي ترجمان ارندم باغچي سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي روانو ڪيل امدادي سامان جون تصويرون شيئر ڪندي ان جي تصديق ڪئي. ارندم باغچي لکيو ته جهاز آءِ اي سي 17 ذريعي 6.5 ٽن دوائون ۽ 32 ٽن آفتن کان بچاءُ جو سامان فلسطينين لاءِ روانو ڪيو ويو جيڪو مصر جي العريش ايئرپورٽ تي لهندو هن ٻڌايو ته سامان ۾ ضروري دوائون، خيما، سمهڻ جا بسترا ڪاٽي پيٽي جون شيون ۽ ٻيون شيون شامل آهن.

بقايا 25

طلب ڪئي وئي آهي. ڊائريڪٽر ڪراچي ڊويزن ڊي اي اوز کي چيو ته افغان ٻارڙن جو ڪلاس ۽ اسڪول جي لحاظ کان ڊيٽا فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 26

سان اسلام آباد ايئرپورٽ تي ٿيندڙ ملاقات جو پارٽي سان ڪوبه تعلق نه آهي اهڙي معاملي تي عون چوڌري سان لکت ۾ وضاحت طلب ڪئي وئي آهي. استحڪام پاڪستان پارٽي جي ترجمان چيو آهي ته جيڪڏهن عون چوڌري ذاتي حيثيت ۾ ويو آهي ته ان جي فوري طور تي وضاحت ڪري عون چوڌري کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ياد رهي ته مسلم ليگ(ن) جو اڳواڻ ميان نوازشريف ڇنڇر 21 آڪٽوبر تي چئن سالن جي جلا وطني کان پوءِ دبئي کان پرڏيهي ايئرلائين جي خصوصي چارٽرڊ فلائيٽ ايف زيڊ 4525 ذريعي پاڪستان پهتو هو سينيٽر اسحاق ڊار ۽ ٻين ليگي اڳواڻن اسلام آباد ايئرپورٽ تي ان جو استقبال ڪيو هو پر سوشل ميڊيا تي سامهون ايندڙ وڊيوز ۾ استحڪام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻ عون چوڌري کي به رن وي ويجهو نوازشريف جو استقبال ڪندي ڏٺو ويو عون چوڌري نوازشريف سان هٿ ملايو ۽ گلي مليو جنهن کان پوءِ ٻنهي وچ ۾ ڪجهه ڳالهيون پڻ ٿيون. عون چوڌري نوازشريف جي هيليڪاپٽر جي دروازي تائين اڳوائي ڪئي. ياد رهي ته عون چوڌري جو شمار استحڪام پاڪستان پارٽي جي پيٽرن ان چيف جهانگير ترين جي ويجهن ساٿين ۾ ٿيندو آهي. ماضي ۾ هو پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي تمام گهڻو ويجهو ۽ ان جا سياسي ۽ ذاتي معاملا سنڀاليندو هو

بقايا 27

بي بي جي ڀاءُ، اڳوڻي صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبرن جي گهرن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن. اينٽي ڪرپشن جي ترجمان ٻڌايو ته اينٽي ڪرپشن گذريل رات ساهيوال، اوڪاڙه ۽ پاڪپتن ۾ مفرور جوابدارن جي گهر تي ڇاپا هنيا. اينٽي ڪرپشن ساهيوال اڳوڻي ايم اين ايز راءِ حسن نواز ۽ راءِ مرتضيٰ اقبال جي گهرن تي ڇاپا هنيا. اڳوڻي ايم پي اي نعيم ابراهيم، سياسي اڳواڻ سليم صادق جي گهرتي به ڇاپا هنيا ويا. اڳوڻي خاتون اول بشريٰ بي بي جي ڀاءُ احمد مجتبيٰ جي گرفتاري لاءِ به ڇاپا هنيا ويا. پر سمورا جوابدار موقعي تان فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جنهن سبب سندن گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي. ڊي جي اينٽي ڪرپشن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته سمورن گهربل جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ ضرور آندو ويندو.

بقايا 28

. ذريعن موجب استحڪام پاڪستان پارٽي جي سربراهه جهانگير ترين سان غلام سرور خان جون ڪيترين ئي ملاقاتون ٿي چڪيون آهن پر غلام سرور خان پنهنجي تڪ ۾ چوڌري نثار جي سياسي فيصلي جو انتظار ڪري رهيو آهي. ذريعن موجب جهانگير ترين جي غلام سرور خان سان اسلام آباد ۾ گذريل هفتي به ملاقات ٿي هئي. ذريعن وڌيڪ ٻڌايو آهي ته استحڪام پاڪستان پارٽي جو اسلام آباد کان تحريڪ انصاف جي هڪ وڌيڪ قومي اسيمبلي ميمبر سان به رابطو ٿيو آهي پر اهو آزاد اميدوار جي طور تي چونڊ وڙهڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو.

بقايا 29

. ذريعن موجب استحڪام پاڪستان پارٽي جي سربراهه جهانگير ترين سان غلام سرور خان جون ڪيترين ئي ملاقاتون ٿي چڪيون آهن پر غلام سرور خان پنهنجي تڪ ۾ چوڌري نثار جي سياسي فيصلي جو انتظار ڪري رهيو آهي. ذريعن موجب جهانگير ترين جي غلام سرور خان سان اسلام آباد ۾ گذريل هفتي به ملاقات ٿي هئي. ذريعن وڌيڪ ٻڌايو آهي ته استحڪام پاڪستان پارٽي جو اسلام آباد کان تحريڪ انصاف جي هڪ وڌيڪ قومي اسيمبلي ميمبر سان به رابطو ٿيو آهي پر اهو آزاد اميدوار جي طور تي چونڊ وڙهڻ ۾ دلچسپي رکي ٿو.

بقايا 30

ميڊيا موجب اسرائيلي فوجي ترجمان پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته اسرائيل حماس تي دٻاءُ وڌائڻ لاءِ غزا ۾ پنهنجي حملا تيز ڪندو. فوجي ترجمان ايڊمرل جو چوڻ هو ته اسان کي جنگ جي ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿيڻو آهي ۽ ان لاءِ اسان ڪنهن جي ٻڌايل رستي تي نه هلنداسين. ميڊيا رپورٽس موجب فوجي ترجمان پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ اهو به چيو ته اڄ کان اسان غزا تي حملا وڌائي رهيا آهيون.

بقايا 31

مشڪلاتن سبب ملازمن جي بهتري لاءِ کنيل قدم خوش آئند آهن. ڪيترن ئي ڏينهن کان ملازمن کي علاج جي حوالي سان سخت پريشاني هئي، جيڪا هاڻي ختم ڪئي ويندي.

بقايا 32

جي فلور تي ڪيو هو سيڪريٽري ليبر شارق احمد نگران وڏي وزير کي ٻڌايو ته گهٽ ۾ گهٽ اجرت رپيا جي منظوري ڪابينا کان منظور ٿيڻ رهيل آهي. نگران وڏي وزير سندس هدايت ڪئي ته ڪابينا لاءِ سمري پيش ڪئي وڃي، ان کي سرڪيوليشن ذريعي منظوري ورتي وڃي ۽ تنهن تي پوءِ عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي. پورهيت اڳواڻن ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته ليبر کاتي جا ڪجهه آفيسر پورهيتن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سٺا اپاءَ وٺندا آهن پر لاڳاپيل آفيسرن جي هر هر مقررين ۽ بدلين سبب مسئلا حل ناهن ٿي سگهندا. نگران وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته عورت پورهيت کي مرد مزدورن جي ڀيٽ ۾ گهٽ پگهار ڏني ويندي آهي ۽ جڏهن عورت ورڪر کي خاص طور تي ٽيڪسٽائل سيڪٽر ۾ 42 کان 45 ورهين جي ڄمار ۾ پوڙهيو قرار ڏئي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويندو آهي يا ملازمت ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويندو آهي. جسٽس (ر) مقبول باقر ان ڳالهه کي سنجيدگي سان ورتو ۽ ليبر کاتي کي هدايت ڪئي ته هو اهڙي غير انساني تعصب جي خاتمي لاءِ ضروري انتظامي اپاءَ ورتا وڃن. هن چيو ته سينيئر ورڪر خاص طور تي عورت صنعتي يونٽن جو اثاثو ثابت ٿئي ٿي سندس تجربي مان فائدو کڻڻ گهرجي.

بقايا 33

چيو آهي. ذريعن موجب فاروق ستار ۽ مفتاح اسماعيل جي ملاقات 2 ڏينهن اڳ مفتاح اسماعيل جي رهائشگاهه تي ٿي هئي.

بقايا سنڌيار 01

۽ ميونسپل ڪارپوريشن ۾ آفيسر گريڊ جي انٽرويو ٽيسٽ ڏني وئي هئي پر انتهائي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ٽيسٽ ونندڙ آفيسرن 90 سيڪڙو مارڪون حاصل ڪندڙ اميدوارن کي نظرانداز ڪري رشوت عيوض 60 سيڪڙو مارڪون حاصل ڪندڙن کي پاس ڪيو ويو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته ساڻن انصاف ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

دورو ڪيو. ڪراچي فيبرل اردو يونيورسٽي ۽ سنڌ مدرسة السلام جي پي ايڇ ڊي اسڪالرن ڊاڪٽر شوڪت علي ڊاڪٽر روحي بانو ڊاڪٽر عابد آرزو ڊاڪٽر خالد معذالله حسن حبيب نور پروفيسر طيبه رئوف، رابيع اخلاق، بلال احمد سي ايف ڊبليو او جي محمد اڪبر سگا شاخ عرس سومرو جي منور سومرو ۽ ٻين گرين پارڪ مان مختلف وڻن ۽ انهي جي زمين جا نمونا ورتا ۽ نئون ڪوٽ ڊيبلو روڊ تان ڏاڄري ڍنڍ مان پاڻي مٽي جي نمونن جا سيمپل به ڪنيا ته ٿر ۾ ماحولياتي تبديلين ڪان ڪٿين بچجي ان موقعي تي اسڪالرن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان ماحولياتي تبديلين ڪري پوري دنيا ڪان تمام گهڻو متاثر ٿيندڙ ملڪ آهي جنهن ۾ خاص ڪري ٿرپارڪر جتي سپ ڪان وڏيڪ گرمي ۽ مون سون جي برساتن سبب مسلسل 10 سالن ڪان سيلاب جي ضد ۾ رهيو آهي ماحولياتي تبديلين تي تحقيق ڪرڻ لاءِ وڻن پاڻي مٽي جا نمونا ڪنيا آهن ته جٿين هتي مختلف قسمن جي پلانٽيش ڪئي وڃي جنهن ڪري هتان جي ماڻهن کي فائدو ملي سگهي جون جولائي جي مهينن دوران سخت گرمي سبب هتان جو ٽيمپريچر 45 سينٽي گريڊ ڪان به مٿي هوندو آهي اسان جي ڪوشش آهي ته ٿرپارڪر ۾ ماحولياتي تبديلين تي ڪم ڪيون ۽ بهتر نتيجا ملي سگهن.

بقايا سنڌيار 03

ناحق گرفتاري خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي سکر پريس ڪلب آڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن ۾ رمضان چاچڙ، جهارو خان چاچڙ، انيس نوحاڻي، ايڊووڪيٽ عبدالشڪور چاچڙ، ارشاد چاچڙ، حسين پيرزادو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سندس گرفتاري انتهائي افسوسناڪ عمل آهي. جنهن جي جيتري به مذمت ڪئي وڃي اها گهٽ آهي. ان جي ملڪ لاءِ ڪيل خدمتون ڪنهن ڪان لڪيل نه آهن. ريلي جي پڄاڻي تي شهيدن جي سلامتي لاءِ دعا گهري وئي.

بقايا سنڌيار 04

۽ ٻئرجي دور واري زندگي گذارڻ تي مجبور. تفصيل موجب سجاول ضلعي جو تاريخي شهر بنون هن جديد دور زماني ۾ به بجلي واٽر سپلائي، ڊرينيج، صحت سميت ٻين سهولتن کان محروم آهي، 1985 ۾ منظور منظور ٿيل بنون جي واٽر سپلائي اسڪيم اڃا تائين رلوڙي جو شڪار آهي. جڏهن ته پبلڪ هيلٿ کاتي طرفان ڪروڙين روپين جي لاڳت سان منظور ڪيل بنون شهر جي ڊرينيج جو ڪم پڻ اڌ ۾ رڪيل آهي، باٿر ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي سموريون رقمون ڪيرائي فرار ٿي ويو آهي. جنهن سبب هاءِ اسڪول، اسپتال مين روڊ ڪان وٺي مختلف پاڙن ۾ گٽر نالا پلٽڻ روز جو معمول بڻيل آهن. شهر جو اندريون روڊ زبون آهي، برساتن ۾ بنون شهر تلاءَ جو ڏيک ڏئي ٿو. بيسڪ هيلٿ سينٽر ۾ پڻ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي شديد کوٽ آهي. روزانو سوين ماڻهن جي او پي ڊي رڪندڙ اسپتال کي اپ گريڊ ڪري رورل هيلٿ سينٽر بنائڻ جي ضرورت آهي. جڏهن ته سياسي قيادت طرفان بنون جي عوام تي تاڦيل يو سي چيئرمين ۽ ٻيا نمائندا عوام تي بار بڻيل آهن. عوامي نمائندا اڄ تائين شهر ۾ هڪ روپئي جو به ترقياتي ڪم نه ڪرائي سگهيا آهن. يونين جي ماهوار لکين روپيا بجيٽ مبينا ڪرپشن جي ور چڙهي رهي آهي. ان سلسلي ۾ بنون جي سجاڳ ڌرين ۽ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ عبدالڪريم پليجو، سرفراز سومرو، غني جوش پليجو، غلام عباس پليجو، لونگ مهيشوري، ڏين سومرو، پرڪاش لال ۽ ٻين اعلان ڪيو آهي ته بنون جا بنيادي مسئلا فوري حل ڪيا وڃن. ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 05

سينٽر بند ڪرڻ جو مطالبو ڪنديارو سان تعلق رکندڙ غلام نبي ڪليري مائده ميڊيڪل سينٽر اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته منهنجي پٽ پرويز علي ڪليري جو پيشاب بيهي رهيو هو جنهن کي اسان نوشهرو فيروز ۾ ڊاڪٽر پريل تگڙ جي پرائيويٽ سينٽر تي ڪئي آياسين جتي هن مريض جو غلط آپريشن ڪري سندس نازڪ عضوي واري رگ ڪٽي ڇڏي آهي ۽ مريض جي حالت تمام خراب ٿي چڪي هن چيو ته ڊاڪٽر اسان کي ڌڪا ڏئي سينٽر تان ڪڍي ڇڏيو جنهن ڪري اسان مجبور ٿي مريض کي نوابشاه ڪٺائي وڃي رهيا آهيون هن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڪوس گهر بڻيل مائده ميڊيڪل سينٽر جي انچارج ڊاڪٽر پريل تگڙ خلاف ڪيس داخل ڪري سندس سينٽر بند ڪري ماڻهن کي ڪوس گهر مان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 06

جي اڳواڻي ضلعي صدر فقير نظير احمد ميراڻي، سنئير نائب صدر سائين آفتاب علي شاهه، جنرل سيڪريٽري فرمان شبير گولو، سائين سلطان شاهه، خادم مهمداڻي ۽ ٻن جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جتي اسرائيل ۽ آمريڪا جي جارحيت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي جتي اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مسلمان ملڪ هلائي چوچپ جو زور لڳايون ويٺا آهن. هنن چيو ته مسلمان ملڪن کي اپيل ڪندي مطالبو ڪيون ٿا ته اسرائيل جي جارحيت جو نوٽيس وٺن ۽ جنگ بند ڪرائي اسرائيل خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ مظلوم فلسطيني عوام سان انصاف ڪيو وڃي. آمريڪا پنهنجي هوڏ تان هٽي وڃي ته ته اربي مسلمان سبق سيکاريندا ۽ اکيون ٻاهر ڪڍي ڇڏينداسين. ان موقعي تي ريلي ۾ جماعت اسلامي جي ضلعي امير غلام مصطفي ميراڻي به شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 07

گريڊ ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۽ شاگردن کي شيلڊس، ميڊل ڏيڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو . هن چيو ته سنڌ ۾ هزارين سرڪاري اسڪول بند پيل آهن ته وري هزارين سرڪاري اسڪول زبون حالت جو شڪار هجڻ ڪري انساني حياتين لاءِ خطرو بڻيل آهن، ته وري سنڌ جا سرڪاري اسڪول جديد دور ۾ تعليم جي معيار کي بلند ڪري نه سگهيا آهن جنهن جي ڪري اڳوڻي دور جي اندر حڪومتن جيڪو ڪردار نه ڪيو اهو هاڻي نگران وفاقي ۽ صوبائي سرڪار کي ادا ڪري تعليم کي ترقي ڏيارڻ گهرجي ، سنڌ جي اندر تعليم جي قابليت موجود آهي جنهن جو مثال دارلعلوم اسڪول جي شاگرديائين ۽ شاگردن جي پوزيشن حاصل ڪرڻ آهي ، ٽنڊو محمد خان جي هن علائقي جي اسڪول کي جيڪا سنڌ ۾ اهميت ۽ مان مليل آهي اهو اعزاز اڄان تائين برقرار آهي ، تقريب کي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو محمد خان نعيم سومرو مخاطب ٿيندي چيو ته هن علائقي ۾ وڏي تعداد هيٺ 48 اي ون ۽ 3 اي گريڊ جي پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۽ شاگردن جي پوزيشن مان اهو ثابت ٿيو آهي ته هن علائقي ۾ تعليم تمام گهڻي اڳتي وڌيل آهي جنهن ۾ سرڪاري اسڪولن جي معيار کي به اڄان وڌيڪ بلند ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن خانگي اسڪولن سان گڏ سرڪاري اسڪولن مان به پوزيشن حاصل ٿي سگهي ، تقريب کي سنڌ جي ناليواري ليڪ ڊاڪٽر انور علي عالماڻي مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ نياڻين جي تعليم اڄ جي جديد دور باوجود عيب سمجهي وڃي ٿي ، جنهن جهالت جي خاتمي لاءِ سنڌ جي ساڄاه وندن کي عملي طور اڳتي وڌڻ جي ضرورت آهي ، نياڻين جي تعليم کي اڳوڻي حڪومت لازمي قرار ڏيڻي عمل نه ڪيو، نگران سرڪار کي اُن تي عمل ڪرائڻ گهرجي ، تعليم جي ترقي لاءِ نياڻين جي تعليم لازمي هجڻ سان تعليم مضبوط ٿيندي ، سنڌ جي سرڪاري تعليمي ادارن ۾ نصابي ڪورس کي جديد تعليم سان متعارف ڪرائڻ پوندو ته اهو بهتر عمل ثابت ٿيندو . انهي موقعي تي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر جان محمد ميمڻ ، انڊس ميڊيڪل ڪاليج جي سي او ڊاڪٽر اقبال ميمڻ ، سنڌ جي ناليواري ليڪ زيب نظاماڻي ، پرنسپل رسول بخش پرڳڙي ۽ ٻين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۽ شاگردن ۾ شيلڊس ميڊل تقسيم ڪيا . انهي موقعي تي راڳين صوفيانا ڪلام ڳائي داد حاصل ڪيو.

بقايا سنڌيار 08

2 مجرم گرفتار ڪري ورتا آهن گرفتار مجرم مظهر سيرهيو جي قبضي مان 900 گرام چرس هٿ ڪري ورتو آهي جڏهن ته ٻئي جاءِ تي ڪارگائي ڪندي آڪڙا پرچي ۾ ملوث شاهد جاگيراڻي کي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن کان جووا آڪڙا پرچي جا بڪ ۽ ڪيش رقم هٿ ڪري ورتي آهي جڏهن ته سي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس حد ۾ ڪاروائي ڪندي 2 مجرم گرفتار ڪيا آهن اسنيپ چيڪنگ دوران مجرم اياز پتو ڪان جي قبضي مان 1100 گرام پنگ هٿ ڪري ورتي آهي وري پوليس جو گجي اطلاع تي ڪامياب ڪاروائي ڪندي مجرم عمران عباسي جي قبضي مان آڪڙا پرچي بڪس جووا جي ٻين شين سميت نقد رقم هٿ ڪئي آهي ايس ايڇ او بي سيڪشن جي حد ۾ ڪاروائي گجي انفارميشن تي جووا جي اڏي تي ڇاپو ڪاروائي ۾ 8 جوواري گرفتار ڪري ورتا آهن جنهن نقدي رقم سميت موبائل فون جووا جي گيم جو سامان پڻ هٿ ڪيو آهي گرفتار ملزمن ۾ آصف علي محمد علي ۽ ٻيا شامل آهن سکر پوليس جي ڪامياب ڪارگائي تي ايس ايس پي سکر عرفان علي سمون جي پوليس پارٽي کي شاباسي ۽ سماجي براين ۽ امن دشمن عناصرن جي خلاف ڪاروايون تيز رکڻ جي هدايت

بقايا سنڌيار 09

ٿي رهي آهي اها انساني حقن جي خلاف آهي، اسان مسلمان فلسطين جي آزادي جي ڀرپور حمايت ڪريون ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي هڪ بيان ۾ ڪيو آل پاڪستان غوري اتحاد سکر جي صدر خالد احمد غوري وڌيڪ چيو ته اسرائيل پاران 75 سالن کان عورتن ۽ ٻارن سميت بيگناهن جو قتل ناقابل تلافي آهي. هن جارحيت خلاف آواز اٿارڻ کان قاصر فلسطينين جي آزادي لاءِ نيڪ تمنائن ۽ خواهشن جو اظهار ڪندي پاڪستان حڪومت کان مطالبو ڪيو ته هو واقعي جي مذمت ڪن.

بقايا سنڌيار 10

بلبدي ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ اسان پنهنجي فلسطيني ڀائرن سان گڏ بيٺل آهيون. اسرائيل فلسطين ۾ بيگناهه ماڻهو شهيد ڪري رهيو آهي. فلسطين تي ٿيندڙ ظلمن تي دنيا خاص طور اسلامي ملڪن جي خاموشي مذمت جوڳو عمل آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسرائيل فلسطينين مٿان ظلم جي انتها ڪري ڇڏي آهي. عالمي ادارن کي گهرجي ته فلسطينين کي انهن جو حق ڏيارن. هنن چيو ته قبله اول جي بي حرمتي ۽ مظلوم فلسطينين جو قتل عام بند ڪيو وڃي. اهڙو ظلم تاريخ ۾ ڪڏهن به ناهي ٿيو جهڙو فلسطينين تي اسرائيل پاران ٿي رهيو آهي جنهن ۾ مظلوم ٻارن ۽ عورتن تي ظلم ڪيو پيو. ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن عالمي برادري ۽ اقوام متحده کان مطالبو ڪيو ته اسرائيلي جارحيت فوتي طور بند ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 11

ويا، سيپڪو عملي پاران چورن جا ننگر پرنت ڪرائڻ لاءِ فرانزڪ ٽيم گهرائي فنگر ورتا ويا، خبر موجب بجلي بل بقاياجات هٿڻ تي سيپڪو خانپورمهر جي عملي پاران مختلف ڳوٺن مان لاٿل ٽرانسفارمر سيپڪو آفيس ۾ پيل هئا رات جي وقت نامعلوم چورن ٽيڪنيڪل طريقي سان آفيس جا تالا يا دروازا ٽوڙڻ کان سواءِ ئي اندر داخل ٿي هڪ ٽرانسفامر مان ڪوئلون ڪڍي چوري ڪري فرار ٿي ويا سيپڪو عملي پاران اطلاع ملڻ بعد خانپورمهر پوليس واقعي واري هنڌ پهتي جڏهن ته فنگر پرنٽ لاءِ پڻ ٽيم گهرائي فنگر پرنٽ ورتا ويا واضع رهي سيپڪو خانپورمهر جي آفيس جيڪا خانگڙهه خانپورمهر روڊ تي واقع آهي ڪافي عرصي کان سيپڪو آفيس جي چوديواري جون پٽيون پڪل آهن ۽ آفيس ۾ ڪو به چوڪيدار وغيره پڻ مقرر ناهي

بقايا سنڌيار 12

پتو يوٽ ضلع بدين جي صدر گل حسن پناڻ پاڪستان پيپلزپارٽي ش پ جي ضلع صدر راشدعلي قمبراڻي لالا رمضان پناڻ مسرور ڪوسو محمد سومار قمبراڻي ڏامن ملاح شوڪت ملاح اصغر ملاح اڪبر ملاح احتجاج ڪندي چيو ته پاڪستان جو عوام هن ڏکي جي گهڙي ۾ فلسطين جي عوام سان گڏ آهي هنن دنيا جي مسلمان ملڪن کي اپيل ڪئي ته فلسطين تي اسرائيلي جارحيت فورن بند ڪرايي وڃي

بقايا سنڌيار 13

ڪئي آهي ٽيسٽ کي 6 مهينن گذري ويا آهن اسان کي پريشاني ۽ خودڪشين طرف ڌڪڻ چاهين ٿا نوڪرين پرائيون تاريخن تي آفر ليٽر ڪڍي ميرٽ جو جنازو ڪڍڻ پيا هاڻي نوڪرين تي اسٽي لڳائي وئي آهي جيڪو اسان جي مستقبل کي تباهه ڪري ڇڏيندو ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ اير ڪيو اير پٽيشن داخل ڪرڻ سان اسان کي وڏو نقصان ملي رهيو آهي اير ڪيو اير جي پٽيشن داخل ڪرڻ جو مقصد نوڪرين وراثت ڪري نوڪريون تقسيم جي سازش آهي جيڪا اسان هرگز ٿيڻ ڪون ڏينداسون انهن نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ، نگران وزير اعلي سنڌ کي اپيل ڪئي آهي اسان جا مطالبا هي مطالبا تسليم ڪيا وڃن 1 نوڪريون ٽاپ ٽو ٻاٽم لسٽ وائيز ڏنيون وڃن 2 انٽرويو پاليسي ختم ڪئي وڃي 3 گريڊنگ پاليسي ختم ڪئي وڃي 4 نوڪرين تي پابندي هٽائي وڃي انهن چتاءُ ڏنو ته اگر اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته ڪراچي جو رخ ڪنداسين ۽ پنهنجا مطالبا تسليم ٿيڻ تائين احتجاجي مظاهرو جاري رکنداسين

بقايا سنڌيار 14

سجاد جمالي،نذير سيال، شبير پنهور، اسد پنهور،شاهدپنهور، جميل جمالي ۽ ٻين اقوام متحده ۽ انساني حقن جي عالمي تنظيمن کان مطالبو ڪيو ته فلسطين جي مظلوم مسلمانن تي ٿيندڙ انسانيت سوز جنگ کي فوري طور بند ڪرايو وڃي ۽ فلسطين جي مسلمانن کي پنهنجي سرزمين واپس ڪري ڪين جيئڻ جو حق ڏنو وڃي، انسانيت جو قتل عام بند ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 15

ٿو اهڙن خيالن جو اظهار فاطمه فرٽيلائيزر جي ڊيولپمينٽ مئنيجر عبدالصمد ابڙو زرعي سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو , فاطمه فرٽيلائيزر گروپ پاران ٽنڊومحمدخان ۾ ڪڻڪ جي منافعي بخش پوک جي عنوان هيٺ مقامي شادي هال ۾ منعقد سيمينار کي خطاب ڪندي عبدالصمد ابڙو وڌيڪ چيو ته ڪڻڪ جي سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان فاطمه فرٽيلائيزر جي تيزابي اثر واري سرسبز نائيٽرو فاس ۽ سرسبز ڪيلشيم امونيم نائيٽريٽ ڀاڻ جو استعمال ڪيون. جنهن جي استعمال سان فصل جي پيداوار سان گڏوگڏ زمين به بهتر ٿئي ٿي ، زونل مينيجر محمد ارشد اشرف چيو ته اسان جي ڪوشش آهي زميندار ڀاين ۽ هارين کي وڌ کان وڌ فايدو پهچايون ته جيين آبادگار ۽ هاري خوشحال ٿين اسان اڳتي به آبادگارن لاءِ اهڙا پروگرام منعقد ڪندا رهنداسين , سيمينار کي خطاب ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ايڪسٽينشن محمد عثمان چيو ته فصلن جي پيداوار ۾ اضافي لاءِ ڀاڻ مددگار ثابت ٿيندو آهي، معياري ڀاڻ ناهڻ ۾ فاطمه فرٽيلائيزر جو هڪ مقام ۽ نالو آهي، سيمينار کي فاطمه فرٽيلائيزر جي عرض محمد , محمد يوسف , عمر دراز قريشي , خدابخش وساڻ , اصغر نوناري ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو سيمينار ۾ ٽنڊو محمد خان , ماتلي , درگاه سوري ۽ ڀرپاسي جي آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 16

الله سوڍر، منور سوڍر، نياز ڪوسو، دين محمد گاڏينچو، نظير گاڏينچو، عالم لاشاري ۽ ٻين جو چوڻ هو ته يونيسف پاران منظور ڪيل واٽر سپلا اسڪيم رلوڙي جو شڪار ٿي وئي آهي ٺيڪيدار ۽ انجنيئر جي ملي ڀڳت سبب ناقص مٽيرل ڪم آڻي اسڪيم کي شروع ڪرڻ کان اڳ ئي ختم ڪيو ويو وڃي. يونيسيف جي طرفان ڳوٺ فيض محمد سوڍر ڪي مليل واٽر سپلاءِ اڄان تائين رلوڙي جو شڪار وڏي پيماني تي ڪرپشن ٿيل يونيسيف لاڙڪاڻي ڊويزن جو انجنيئر (شيراز عباسي) وڏي ڪرپشن ڪري پيٽي ٺيڪيدار سان ملي ڀڳت ڪري لوگيج جا پائيپ استعمال ڪرايا ۽ سولر پليٽون 380 والٽ جي بدران 330 جون استعمال ڪيون ويون آهن. اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته وس وارين ڌريون هن مامري جو نوٽيس وٺن. ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو..

بقايا سنڌيار 17

رپورٽ اچڻ بعد حقيقت سامهون ايندي. پوليس تفصيل موجب شڪارپور ۾ اسٽورٽ گنج ٿاڻي جي حد ڪڙي عطا محمد ۾ نوجوان جو گولي لڳل لاش هٿ آيو آهي. پوليس موجب 20 سالا نوجوان عبدالسميع پٽو جو گولي لڳل لاش ڪڙي عطا محمد واري علائقي ۾ زين ڪلوڙ جي اوطاق تان مليو آهي. نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي، جڏهن ته نوجوان جي وارثن ۽ پٽو برادري جي ماڻهن انصاف لاءِ لاش جيڪب آباد بائي پاس شڪارپور جيڪب آباد روڊ تي رکي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ۽ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، روڊ بلاڪ ٿيڻ سبب بلوچستان ۽ سرحد ڏانهن ويندڙ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون. ان موقعي تي نوجوان جي وارثن جو چوڻ هو ته پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪري نه سگهي آهي، پوليس قتل کي آپگهات قرار ڏيندي تعاون نه پئي ڪري، هنن چيو ته مرحوم شهيد عبدالسميع پٽو جي قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، پوليس موجب واقعي جي پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ ڪانپوءِ واقعي جي اصل خبر پوندي ته واقعو خودڪشي آهي يا قتل، احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون هلي رهيون آهن، ڪنهن سان به ناانصافي نه ٿيندي، پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ تائين ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي، پوسٽ مارٽم رپورٽ اچڻ بعد حقيقتون سامهون اينديون.

بقايا سنڌيار 18

وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو ويو ان سلسلي ۾ حاجي پاڙي واسي ٻن مهينن کان گم ٿي ويل نوجوان نثار احمد مهتم جي والد ۽ امڙ ٽڪرائو پريس ڪلب پهچي پٽ جي گولا ۾ مدد لاءِ احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ غلام محمد مهتم ۽ مائي سومري ڏانهينڊي ٻڌايو ته ٻن ،هينن کان پٽ نثار احمد گم ٿي ويو آهي گهڻي گولا باوجود سندس پتو ناهي پئجي سگهيو جنهن سبب شڪ آهي ته پٽ کي ڪنهن اغوا ڪيو آهي احتجاج ڪندڙن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته پٽ جي گولا ۾ مدد ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 19

گڏري جنهن ۾ مرڪزي اڳواڻ رسول بخش شاهاڻي قلندر بخش شاهاڻي راجه ڪشن نويد احمد تگڙ منظور ملڪ شرڪت ڪئي ميٽنگ ۾ لوڪل گورنمينٽ جي ملازمن سان مسلسل ناجائزين پگهارن ۾ ڪٽوتي ڪرڻ بلا جواز پگهارون بند ڪري ملازمن کي مايوس ڪرڻ پگهارن جا رهيل ڊفرنس بل ادا نه ڪرڻ تي غور ويچار ڪيو ويو خاص طور تي نوشهرو فيروز ميونسپل ڪاميٽي ۾ ڏهرڪي جي ملازمن جون پگهارون نه ٿيڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي ۽ جلد ملازمن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو وچن ڪيو ويو آخر ۾ اختيارين کان گهر ڪئي وئي ته ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جي ملازمن جي 22 آڪٽوبر 2023 تائين پگهار نه ٿي سگهي آهي ملازم فاڪا ڪشي واري زندگي گذاري رهيا آهن ۽ ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جي ملازمن جي جلد پگهارون ڪيون وڃن

بقايا سنڌيار 20

۾ ڇڏي فرار ٿي ويو ان کان پوءِ هاءِ اسڪول جي پرائمري عمارت جي تعمير ۽ اڌ ۾ ڇڏيل عمارت جي مرمت جي ڪم جا ڪاغذن ۾ 85 لک روپين جو ٽينڊر پاس ڪيو ويو جيڪو ڪافي مهينن کان رلوڙي جو شڪار آهي معصوم ٻارڙا زبون حال عمارت ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن ڪنهن وقت به ڪو حادثو پيش اچي سگهي ٿو جهنگ ڪانيار ڪيمپس اسڪول ۾ تعليم پرائيندڙ شاگردن صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسڪول جو ڪم ڪافي سال گذرڻ باوجود مڪمل نه ٿي سگهيو آهي ۽ مجبورن اسين اسڪول جي زبون حال عمارت ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهيون جڏهن ته پرائمري اسڪول جي عمارت بلڪل ئي زبون ٿي چڪي آهي جنهن جي ڇت مان هر ٻئي ڏينهن چاپڙ ڪرندا رهن ٿا جنهن سبب ڪنهن به مهل ڪو جاني نقصان ٿي سگهي ٿو شاگردن جي مائٽن عزيزن سماجي ڪارڪنن غلام شبير ڪانيار منور علي ڪانيار امام ڏنو شيدي محمد ادريس شيدي ۽ ٻين ٻڌايو ته اسان ڪافي ڀيرا تعليم جي اعليٰ اختيارين کي اسڪول جي زبون حالي بابت آگاهه ڪيو آهي پر افسوس آهي جو ڪو به اعليٰ آفيسر ان جو نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار نه آهي هنن نگران حڪومت سنڌ نگران وزير تعليم ۽ وس وارن عملدارن کان پرزور مطالبو ڪندي چيو ته اسڪول جي پرائي زبون بلڊنگ ۾ اسان جي ٻچڙن جون زندگيون غير محفوظ آهن اسانجي معصومن جون زندگيون بچايون وڃن ۽ نئين بلڊنگ جو رهيل ڪم جلد کان جلد مڪمل ڪرائي ڏنو وڃي.

بقايا سنڌيار 21

۽ جي نوٽيس وٺڻ باوجود ڪشمور ڪنڌ ڪوٽ جي ايس ايس پي مير روحل کوسو کو تحرڪ نه ورتو شهيد جا ٻچا ۽ وارث اڄ به سراپا احتجاج بڻيل آهن ان سلسي ۾ ڳوٺ محمد امين جعفري ۾ اڄ وارثن پاران شهيد جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ گل حسن جعفري بالاچ خان محمد رمضان جعفري علي دوست جعفري عمران جعفري محمد عظيم جعفري ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان شريف شهري آهيون اسان جي نوجوان کي ڪرمپور پوليس بيدردي سان گولين جو ڪاچ بڻائي اسان کان اسان جو گڀرو ڪسي ورتي هنن چيو ته اسان جي نوجوان کي وڏو منشي ڪي بي عرف ڪريم بخش ڏاهاڻي جهانگير چانڊيو سميت ڪجه ٻين پوليس وارن بنا ڪنهن ڏوهه جي ڄاڻي واڻي قتل ڪري اسان سان ظلم ڪيو آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو اسان مسلسل احتجاج ڪري ٿڪجي پيا آهيون پر ڪشمور پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ اسان مٿان ناه لاءِ دباءُ وجهي رهي آهي اسان قاتلن جي گرفتاري لاءِ تنگوائي ۽ لاڙڪاڻو جي عدالت سگهوري جو در به کڙڪايو آهي جنهن قاتل پوليس اهلڪارن خلاف گرفتاري جا وارنٽ به جاري ڪيا پر پوليس پوءِ به ڪو ٻوٽو نه ٻاريو آهي احتجاج ڪندڙ ڳوٺائن الزام لڳايو ته قاتلن کي سياسي پنيرائي حاصل جيڪي سري عام نوڪري ڪن ٿا ۽ اسان کي ڌمڪيون به ڏين ٿا اسان مسڪين آهيون اسان جي ڌانهن وس وارن اعلي اختيارين سميت چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ چيف آف آرمي اسٽاف کي آهي ته هو اسان جي ڪيل احتجاج جو نوٽيس وٺي شهيد جي خون سان انصاف ڪن

بقايا سنڌيار 22

ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي ۽ سنڌن خلاف اهڙو ڪيس لاڳاپيل تعلقي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي ۽ فرار ٿي ويل مڪ جوابدار مشهور مين پڙي فروش غلام عباس عرف بوني جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ جلد گرفتاريءَ جي پوليس دعوي ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 23

آهي ته سميرا شيخ جي والد مصطفيٰ شيخ، سندس ڀاءُ رياض شيخ شاهد شيخ راجا شيخ ارشاد شيخ ۽ ٻيا مائٽ جاني دشمن بڻجي ويا آهن، فون تي اسان کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. رات جي اونداهي ۾ اسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري گهر ڀاتين کي تنگ ڪيو پيو وڃي. پريمي جوڙي آصف شيخ ۽ سميرا شيخ. آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر سميت لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 24

رضا محمد شرڪت ڪئي اسٽيج ڊرامو ڀاڳ سان کهڙي ريس پيش ڪندڙ اداڪارن ۾ عاشق ڪليري ڏٽي بخش گهانگهرو منظور علي شاهه خالد ڪليار فهميدا سحر سدرا شيخ اورنگزيب سهتو خير محمد پاڙيجو ۽ ٻين پاران اداڪاري پيش ڪئي ويئلن کي واهه واهه ڪرائي ڇڏي ان موقعي تي ڀاڳ سان کهڙي ريس اسٽيج ڊرامي جي ڊائريڪٽر خالد ڪليار ڳالهائيندي چيو ته هي هڪ اسٽيج ڊرامو حقيقت تي مبني آهي جو ته اسان جي گهر گهر ۾ هر نئين عمر وارن ٻارن جي هٿن ۾ موبائيل فونون اچي ويون آهن جنهن سبب معصوم ٻارڙا پب جي گيمز سميت مختلف گيمن ۾ ضرر ٿي ويا آهن جنهن سبب نوجوان نسل تعليمي ادارن کان ٻري ٿي ويو آهي اسان کي ۽ والدين کي گهرجي ته پنهنجي ٻارڙن تي ڪڙي نظر رکون ۽ انهن کان وڌيڪ پنهنجي نياڻين تي پڻ گهري نظر رکون چو ته سماج جي اندر انسان جي روپ ۾ بگهڙ گهمي رهيا آهن

بقايا سنڌيار 25

عبدالفتاح چنه صالح آريسر ناري تحريڪ اڳواڻ ڪرن نظاماڻي سورٺ لغاري جي اڳواڻي ۾ الله والا چوڪ بدين کان نيشل پريس ڪلب بدين تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو مظاهري کي خطاب ڪندي مرڪزي چيئرمين اسلم خيرپوري اسماعيل ناز نوتڪاڻي عبدالفتاح چنه چيو ت وفاق ۽ سنڌ حڪومت جنهن م ب پ ب شامل هئي جنهن سنڌ جون لکين ايڪڙ زرعي زمينون ڌارين کي وڪڻي سنڌ کي اقليت م تبديل ڪيو آهي،هاڻي بدين ٺٽو سجاول ضلعن جي ساڌا تيرهن لک زمين جي پلاٽنگ ڪيئي ويئي آهي ت ڌارين کي وڪڻي ڏني ويندي ڌارين کي اتي آباد ڪري سنڌين کي نيڪالي ڏني ويندي جيڪو سراسر ناجائز ۽ غلط عمل آهي ,سنڌ تي اڳين ئي ڌارين قبضو ڪري ورتو آهي انهن کي فوري طور تي سنڌ مان نيڪالي ڏني وڃي هن وقت چيو سنڌ مان سون جي تعداد م قومي ڪارڪن ڪيئي گم ڪيا ويا آهن جن کي ڪافي عرصو تي چڪو آهي پر آزاد ناهن ڪيا ويا اگر هنن جو ڏوه آهي ت عدالتن م پيش ڪيا وڃن.

بقايا سنڌيار 26

ميمڻ ۽ ٻين مغوين جي بازيابي راڻيپور کان سکر پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪانپوءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري رات ڏينهن وارو احتجاج جاري رکيو ويو آهي 19 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود انصاف فراهم ڪندڙ عدليه ۽ حڪومت جي ڪنهن اداري نوٽيس نه ورتو آهي احتجاجي مرحلي جي سرواڻي ڪندڙ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مغوي اسلام سومرو جي والد محمد پريل سومرو، بلاول جاگيراڻي عطا محمد پتو ۽ ٻين ٻڌايو ته مغوين جي بازيابي لاءِ هڪ مهينو 17 ڏينهن کان جدوجهد ڪيون پيا سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي احتجاجن جو نوٽيس نه پيو ورتو افسوس جو مقام آهي ته نوٽيس وٺندڙن کي نه ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو نه ٻڌڻ. اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي ته ٻريا ڪماري، اسلام سومرو، علي حسن ميمڻ، واجد ٻڙدي ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ تڪڙا قدم کڻي مغوين جي وارثن جي بي چيني ختم ڪئي وڃي احتجاجي ڪئمپ تي سکر شهري اتحاد جو اڳواڻ مولانا عبيد الله ڀٽو ابن آزاد، فضل الرحمان پتو، جواد عباسي، جمشيد قريشي، محمد رضوان ۽ ٻين ڪئمپ تي اچي جدوجهد جي حمايت ڪئي ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته مغوين جي زندگي بچائڻ لاءِ تڪڙا قدم کنيا وڃن جيئن متاثر خاندانن جي بي چيني ختم ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 27

ٿيندڙ عالمي ۽ رياستي دهشتگري ڪندي معصوم ۽ مظلوم فلسطينين کي بيگناهه شهيد ڪرڻ ۽ سنڌن نسل ڪشي خلاف هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ مختلف سماجي ڌرين ۽ برادرين حصو ورتو انهي موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي نئو يوٿ ايڪشن ڪميٽي جي صدر فهد ڪرناني ، جنرل سيڪريٽري ارباز درس، سماجي ڪارڪن شهروز چانگ سميت مختلف اڳواڻن جو چوڻ هو ته جنهن طريقي سان اسرائيل سميت يورپ ۽ سيهوني طاقتن پاران فلسطين جي مسلمانن مٿان راڪٽ ۽ ميزائل فائر ڪري سنڌن نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي فلسطين جي اسپتالن مٿان بمباري ڪري اتي موجود زخمين کي شهيد ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ معصوم ٻار پڻ ٿيا ته شهيد ڪيا ويا آهن يا وري يتيم ڪيا ويا آهن اهو سڀ ڪجهه مسلمان رياستن جي منهن تي چماٽ ۽ عالمي طور تي انساني حقن جي پچڪڙي آهي جن کي ڏسندي هان ٿو ڏري پر اسان جا مسلمان ملڪ صرف مطالبا يا مذمتون ڪرڻ ۾ پورا آهن اڳواڻن جو چوڻ هو ته گالا مذمتن ۽ مطالبن کان مٿي چڙهي وڃي آهي جيڪڏهن مسلمان ملڪن هن موقعي تي ٻڌي جو اظهار نه ڪندي سيهوني طاقتن کي منهن نه ڏنو ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن سموريون مسلمان رياستون هڪ ٿي ديگ تي چڙهيل هونديون اڳواڻن مسلمان ملڪن خاص طور تي رياست پاڪستان کان مطالبو ڪيو ته اڳتي وڌو ۽ مذمتن ڪرڻ بجاءِ عملي طور تي سامهون اچو اسرائيل سميت سيهوني قوتن خلاف جهاد جو اعلان ڪريو هن ملڪ جي نوجوان سميت پاڪستان جي عوام اوهان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اوهان سان گڏ بيهڻ لاءِ تيار آهي

بقايا سنڌيار 28

ڪري جوڳي سزا ڏني وڃي نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ سياسي سماجي ڌرين جي ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو تفصيل مطابق سورجاڻي ٽائون يوسي 6 جي شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو , عدنان اظهار , مزمل بيگ , سنڌن دهشتگرد ساٿارين ۽ سنڌن سرڪاري سرپرست , دهشتگردن جي ساٿي سب انسپيڪٽر طارق خالد کي گرفتار ڪري جوڳي سزا ڏيڻ لاءِ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي نئين ڪراچي ٽائون صدر فدا رند اياز سولنگي عرفان پريو سان گڏ سورجاڻي ٽائون ۽ نئين ڪراچيءَ جي سياسي سماجي اڳواڻ معشوق ڪيڙو قربان خاصخيلي اظهر بروهي ۽ ٻين پاران سورجاڻي ٽائون جي شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو , عدنان اظهار , مزمل بيگ , سنڌن دهشتگرد ساٿارين ۽ سنڌن سرڪاري سرپرست ۽ دهشتگردن جي ساٿي سب انسپيڪٽر طارق خالد کي ان ڪيس ۾ گرفتار ڪري جوڳي سزا ڏيڻ ۽ 28 ڏينهن کان سب انسپيڪٽر پوليس طارق خالد پاران بيڏوهي باندي بڻائي رکيل آفتاب احمد بروهيءَ جي آزاديءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو مظاهرو ڪندڙن جي هٿ ۾ پلي ڪارڊ هئا, جن تي مٿي ڄاڻايل نعرا هئا اهي آپ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا ته بيڏوهي باندي بڻايل آفتاب بروهيءَ کي آزاد ڪريو ۽ شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪريو احتجاجي مظاهرو ڪندي فدا رند معشوق ڪيڙو ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جا اصل قاتل سب انسپيڪٽر طارق خالد ۽ سندس ڏوهاري گينگ جا محمد بابو، عدنان اظهار , مزمل بيگ ۽ ٻيا ميمبر آهن جن مخصوص ڪراهت جوڳن مقصدن خاطر ڪائونسلر محمد حبيب کي شهيد ڪري اهو ڪيس اين ڊي پي سربراه ممتاز بروهيءَ جي پٽن مٿان ڪوڙو بهتان مڙهي 28 ڏينهن کان سندس پٽ آفتاب بروهيءَ کي ڪنهين گم ڪري ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 29

احتجاج ڪيو ويو جنهن ۾ ضلعي صدر بگن خاصخيلي،نائب رشيد احمد رند ضلعي اوپر جي جنرل سيڪريٽري طارق سيال عبدالمنان چانڊيو عبدالمنان ٽنيو ذوالفقار سيال ذوالفقار ٽنيو دلدار شيخ گل محمد منگي نعمان شاهاڻي ٻبن ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مظاهرو ڪندڙن فلسطين جي حمايت ڪئي ۽ اسرائيل جي ظلمن جي سخت مخالفت ڪندي شديد نعريبازي ڪئي اڳواڻ چيو ته اسرائيل آمريڪا جي ساڄي ٻانهه آهي ۽ ان جي مدد سان اسرائيل فلسطين تي ظلم ۽ بربريت ڪري رهيو آهي دهشت گرد اسرائيل فسلطين جي اسڪولن. اسپتالن تي بمباري ڪري ڪلي دهشت گردي جو مظاهرو ڪري رهيو آهي پر افسوس جو ظالم کي ڪير لغام ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي اقوام متحد جي خاموشي سواليا نشان آهي اسان قربانيون ڏيندڙ فلسطيني عوام کي سلام پيش ڪريون ٿا ۽ عالمي ضمير کان مطالبو ڪريون ٿا ته اسرائيل خلاف قانوني ڪارروائي ڪري فسلطين جي نسل ڪشي بند ڪرائي وڃي.

بقايا سنڌيار 30

۾ 10 فيصد ٻئي مهيني ۾ 20 فيصد ۽ ٽئين مهيني ۾ 30 فيصد وياج وصول ڪيو وڃي ٿو وياج خور دڪاندار پنهنجي وياج واري ڪاروبار کي ڪميشن جو نالو ڏئي سرعام وياج وارو ڌنڌو ڪري غريبن کي ڦٻهي هڻن سان ڦري ۽ لٽي رهيا آهن جن وياجين ڪيترن ئي ابوجهه ماڻهن کي قرضي ڪرڻ بعد انهن جون ڪيترين ئي زمينون ضبط ڪري ڇڏيون آهن. ڀر ڪوئي به باٿر وياجين کان پڇڻ وارو ڪونهي. سنگرار جا رهواسي وياجين جي دڪانن تان اوڌر تي شيون وٺندڙ سخت پريشان آهن پر ڪڏهن به اختيار ڌڻين تڙي مختيارڪار روهڙي اهڙن وياج خورن خلاف ڪاروائي ناهي ڪئي. ۽ نه وري ڪنهن سياسي اڳواڻ پنهنجي غريب ووٽرن کي وياجين کان بچائڻ لاءِ ڪي قدم کنيا آهن. سنگرار شهر جي سجاڳ ڌرين جي اڳواڻن اختيار ڌڻين کان گهر ڪئي آهي ته وياجين خلاف ڪاروائي ڪري پريشان ٿيڻ کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 31

برادري جي نوجوانن کي گهرجي ته تعليم حاصل ڪن ۽ پنهنجي ذات ترڙي قوم جو نالو روشن ڪن منگي برادري جي غريب نياڻين کي ڏاج فراهم ڪنداسين صحافين سان ڳالهيون رپورٽ موجب آل سنڌ منگي اتحاد جي سرپرست ۽ باني روشن علي منگي جو نگراني ۾ منگي برادري جي ماڻهن حاجي الطاف حسين منگي حاجي غوث بخش منگي سميت مبارڪپور ٿاڻي جي وڏي منشي غلام سرور منگي سان ملاقات ڪري سندس بازياب ٿيل پٽ جون مبارڪون ڏنيون نگراني ۾ رياض حسين منگي جي گهر واري جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي ان موقعي تي هن پريس ڪلب پهچي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منگي برادري جي حقن لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي رهيا آهيون جتي منگي برادري جو پگهر وهندو اتي اسان جو رت وهندو هن چيو ته نوجوانن کي گهرجي ته وڌ کان وڌ تعليم حاصل ڪن جئين قوم ۽ ذات جو نالو روشن ٿي سگهي ان سان گڏ استاد محمد حسن منگي منظور احمد منگي محمد مٺل منگي عرفان منگص ۽ منگي اتحاد پني عاقل جو صدر لالا شفقت حسين منگي ۽ ٻيا هئا

بقايا سنڌيار 32

شامل ٿيا گو افغاني ريلي مختلف هنڌن کان ٿيندي پوليس اسٽيشن سامهون پهتي جتي جلسي جي صورت اختيار ڪري ورتي ريلي ۾ موجود اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ هاڻي ڌارين جو بار برداشت نه ٿي ڪري سگهي خود رياست اعلان ڪيو آهي ته ڌاريا ملڪ مان نڪري وڃن رياست جي اهڙي اعلان کان پوءِ قاضي احمد پوليس مختلف هنڌن تان وڏي تعداد ۾ پٺاڻ ڦاٿي ڪٺي آئي جن کي پاڪستاني ڄاڻائي بنا ڪنهن تصديق جي ڇڏي ڏنو جيڪو عمل اسان کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي هاڻي اسان کي خدشو آهي ته سنڌ ۾ افغاني پٺاڻ خونريزي ڪندا جن وٽ جديد قسم جا هٿيار آهن سنڌ عوامي سٿ پاران رياست جي اهڙي عمل جي ڀرپور حمايت ڪري ٿي ۽ انتظاميان کان مطالبو ڪجي ٿو ته فوري طور افغاني پٺانن کي سنڌ مان نيڪالي ڏني وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 33

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسرن ۽ ڪميٽي ميمبرن شرڪت ڪئي. ڪمشنر سکر ڊويزن سميع الدين صديقي چيو ته ٽريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي جي منظوري ڪانسواءِ ماڻهن کي مليل سڪيورٽي واپس ورتي وڃي ۽ آئينده ڪنهن کي به ٽريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي جي منظوري ڪانسواءِ محافظ نه ملي سگهندا. هن هدايت ڪئي ته محافظ فراهم ڪرڻ لاءِ ملندڙ درخواستن تي سمورن اسٽيڪ هولڊرز کان راءِ وٺي بعد ۾ ڪميٽيءَ ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو وڃي. ڪمشنر سکر ڊويزن سمورن ڊي سيز ۽ ايس ايس پيز کي هدايت ڪئي ته ضلعي سطح تائين اقليتن جي معززن سان گڏجاڻيون ڪري سندن کان ملندڙ ٽريٽ بابت معلومات ورتي وڃي ته جيئن ڪنهن به شڪي ماڻهن تي ڪڙي نظر رکي فوري طور تي مقامي پوليس يا ڪنٽرول روم تي اطلاع ڏين هن چيو ته ڊويزن اندر امن و امان کي برقرار رکڻ لا لازم آهي ته عوام جي جان ومال جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي. ڪمشنر سکر ڊويزن هدايت ڪئي ته پوليس ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا تروڙي انتظامي آفيسر پاڻ ۾ رابطي کي مضبوط بڻائين ته جيئن ڪنهن به امڪاني اڻٿندڙ واقعي کان بچي سگهجي، ان موقعي تي ڪمشنر سکر چيو ته سنڌ جي گهرو ڪاتي پاران سنڌ اندر غير قانوني طريقي سان رهندڙ سمورن غير ملڪي کي پنهنجي وطن واپس ڪرڻ جي سلسلي ۾ نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو آهي ان ڏس ۾ ڊويزنل ليول تي ڪمشنر جي نگراني ۾ هڪ ڪميٽي پڻ جوڙي آهي جنهن ۾ پوليس رينجرز سميت سمورن ايجنسيز کي ميمبر بڻايو ويو آهي هن چيو ته هن آپريشن کي ڪامياب بڻائڻ لا سمورا اسٽيڪ هولڊرز ڪوآرڊينيشن کي يقيني بڻائن ۽ ان سلسلي ۾ غيرقانوني رهندڙن کي گرفتار ڪرڻ بعد سکر اندر مختص ڪيل جهه اندر سخت حفاظت هيٺ رکيو ويندو. ڪمشنر سکر ڊويزن سميع الدين صديقي تنهي ضلعن جي ڊيسيز ۽ ايس ايس پيز کي هدايت ڏيندي چيو ته ضلعن اندر پڻ ڪميٽي جوڙي سمورن ايجنسيز کي ميمبر رکيو وڃي. ان سلسلي ۾ سمورا اسٽيڪ هولڊرز پنهنجو هوم ورڪ مڪمل ڪن 10 ڏينهن بعد ان جو جائزو ورتو ويندو.

بقايا سنڌيار 34

ڪلاس جي هيڊ سر محرم بخش جماري کي ان جي بهترين محنت ڪاوشن ڪوششن ۽ ڪلاس کي جديد بنائڻ ۽ بهترين ڪارڪردگي تي اڄ ڏاڏون م صحافي خان عباسي جي رهائشگاهه تي ايپريسيئشن ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ان موقعي تي استاد محمد حسن ڏاڏون استاد ارباب الله بجاير کوسو الغوزي نواز خان عباسي پاران سائين محمد بخش جماري سر سيد اڪبر علي شاهه ۽ سر عبدالرشيد سومري کي اجرڪن جا تحفا گلن جا هار پارايا ويا . ان موقعي تي ڊي اي او سر سيد اڪبر علي شاهه چيو ته سائين محمد بخش جماري جي محنت تي ڪيس جس هجي جيڪڏهن سڀ استاد محمد بخش جماري جهڙا مخلص محنتي ۽ تعليم دوست بنجي وڃن ته اسان جي تعليم ۽ اسان جو ڳاٽ ارنچو ٿي ويو ,سر عبدالرشيد سومري پنهنجي خطاب م چيو ته هن سر محمد بخش جماري جهڙن قابل ۽ محنتي استادن تي ناز آهي اسان ڪجه ڏينهن م عبدالرحيم ڪاٽيار هاءِ اسڪول جي بهترين استادن کي به ايوارڊ ڏينداسين ان موقعي آيل دوستن کي ماڃهاندو ڪرايو ويو

بقايا سنڌيار 35

گريڊ ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۽ شاگردن کي شيلڊس ، ميڊل ڏيڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو . هن چيو ته سنڌ ۾ هزارين سرڪاري اسڪول بند پيل آهن ته وري هزارين سرڪاري اسڪول زبون حالت جو شڪار هجڻ ڪري انساني حياتين لاءِ خطرو بڻيل آهن، ته وري سنڌ جا سرڪاري اسڪول جديد دور ۾ تعليم جي معيار کي بلند ڪري نه سگهيا آهن جنهن جي ڪري اڳوڻي دور جي اندر حڪومتن جيڪو ڪردار نه ڪيو اهو هاڻي نگران وفاقي ۽ صوبائي سرڪار کي ادا ڪري تعليم کي ترقي ڏيارڻ گهرجي ، سنڌ جي اندر تعليم جي قابليت موجود آهي جنهن جو مثال دارلعلوم اسڪول جي شاگرديائين ۽ شاگردن جي پوزيشن حاصل ڪرڻ آهي ، ٽنڊو محمد خان جي هن علائقي جي اسڪول کي جيڪا سنڌ ۾ اهميت ۽ مان مليل آهي اهو اعزاز اڄان تائين برقرار آهي ، تقريب کي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو محمد خان نعيم سومرو مخاطب ٿيندي چيو ته هن علائقي ۾ وڏي تعداد هيٺ 48 اي ون ۽ 3 اي گريڊ جي پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۽ شاگردن جي پوزيشن مان اهو ثابت ٿيو آهي ته هن علائقي ۾ تعليم تمام گهڻي اڳتي وڌيل آهي جنهن ۾ سرڪاري اسڪولن جي معيار کي به اڄان وڌيڪ بلند ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن خانگي اسڪولن سان گڏ سرڪاري اسڪولن مان به پوزيشن حاصل ٿي سگهي ، تقريب کي سنڌ جي ناليواري ليڪ ڊاڪٽر انور علي عالماڻي مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ نياڻين جي تعليم اڄ جي جديد دور باوجود عيب سمجهي وڃي ٿي ، جنهن جهالت جي خاتمي لاءِ سنڌ جي ساڄاه وندن کي عملي طور اڳتي وڌڻ جي ضرورت آهي ، نياڻين جي تعليم کي اڳوڻي حڪومت لازمي قرار ڏيڻي عمل نه ڪيو، نگران سرڪار کي اُن تي عمل ڪرائڻ گهرجي ، تعليم جي ترقي لاءِ نياڻين جي تعليم لازمي هجڻ سان تعليم مضبوط ٿيندي ، سنڌ جي سرڪاري تعليمي ادارن ۾ نصابي ڪورس کي جديد تعليم سان متعارف ڪرائڻ پوندو ته اهو بهتر عمل ثابت ٿيندو . انهي موقعي تي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر جان محمد ميمڻ ، انڊس ميڊيڪل ڪاليج جي سي او ڊاڪٽر اقبال ميمڻ ، سنڌ جي ناليواري ليڪ زيب نظاماڻي ، پرنسپل رسول بخش پرڳڙي ۽ ٻين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۽ شاگردن ۾ شيلڊس ميڊل تقسيم ڪيا . انهي موقعي تي راڳين صوفيانا ڪلام ڳائي داد حاصل ڪيو.

بقايا سنڌيار 36

۾ 10 فيصد ٻئي مهيني ۾ 20 فيصد ۽ ٽئين مهيني ۾ 30 فيصد وياج وصول ڪيو وڃي ٿو وياج خور دڪاندار پنهنجي وياج واري ڪاروبار کي ڪميشن جو نالو ڏئي سرعام وياج وارو ڌنڌو ڪري غريبن کي ڦٻهي هڻن سان ڦري ۽ لٽي رهيا آهن جن وياجين ڪيترن ئي ابوجهه ماڻهن کي قرضي ڪرڻ بعد انهن جون ڪيترين ئي زمينون ضبط ڪري ڇڏيون آهن. ڀر ڪوئي به باٿر وياجين کان پڇڻ وارو ڪونهي. سنگرار جا رهواسي وياجين جي دڪانن تان اوڌر تي شيون وٺندڙ سخت پريشان آهن پر ڪڏهن به اختيار ڌڻين تڙي مختيارڪار روهڙي اهڙن وياج خورن خلاف ڪاروائي ناهي ڪئي. ۽ نه وري ڪنهن سياسي اڳواڻ پنهنجي غريب ووٽرن کي وياجين کان بچائڻ لاءِ ڪي قدم کنيا آهن. سنگرار شهر جي سجاڳ ڌرين جي اڳواڻن اختيار ڌڻين کان گهر ڪئي آهي ته وياجين خلاف ڪاروائي ڪري پريشان ٿيڻ کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 37

۽ ٻئرجي دور واري زندگي گذارڻ تي مجبور. تفصيل موجب سجاول ضلعي جو تاريخي شهر بنون هن جديد دور زماني ۾ به بجلي واٽر سپلائي، ڊرينيج، صحت سميت ٻين سهولتن کان محروم آهي، 1985 ۾ منظور منظور ٿيل بنون جي واٽر سپلائي اسڪيم اڃا تائين رلوڙي جو شڪار آهي. جڏهن ته پبلڪ هيلٿ کاتي طرفان ڪروڙين روپين جي لاڳت سان منظور ڪيل بنون شهر جي ڊرينيج جو ڪم پڻ اڌ ۾ رڪيل آهي، باٿر ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي سموريون رقمون ڪيرائي فرار ٿي ويو آهي. جنهن سبب هاءِ اسڪول، اسپتال مين روڊ ڪان وٺي مختلف پاڙن ۾ گٽر نالا پلٽڻ روز جو معمول بڻيل آهن. شهر جو اندريون روڊ زبون آهي، برساتن ۾ بنون شهر تلاءَ جو ڏيک ڏئي ٿو. بيسڪ هيلٿ سينٽر ۾ پڻ دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي شديد کوٽ آهي. روزانو سوين ماڻهن جي او پي ڊي رڪندڙ اسپتال کي اپ گريڊ ڪري رورل هيلٿ سينٽر بنائڻ جي ضرورت آهي. جڏهن ته سياسي قيادت طرفان بنون جي عوام تي تاڦيل يو سي چيئرمين ۽ ٻيا نمائندا عوام تي بار بڻيل آهن. عوامي نمائندا اڄ تائين شهر ۾ هڪ روپئي جو به ترقياتي ڪم نه ڪرائي سگهيا آهن. يونين جي ماهوار لکين روپيا بجيٽ مبينا ڪرپشن جي ور چڙهي رهي آهي. ان سلسلي ۾ بنون جي سجاڳ ڌرين ۽ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻ عبدالڪريم پليجو، سرفراز سومرو، غني جوش پليجو، غلام عباس پليجو، لونگ مهيشوري، ڏين سومرو، پرڪاش لال ۽ ٻين اعلان ڪيو آهي ته بنون جا بنيادي مسئلا فوري حل ڪيا وڃن. ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 38

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسرن ۽ ڪميٽي ميمبرن شرڪت ڪئي. ڪمشنر سکر ڊويزن سميع الدين صديقي چيو ته ٽريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي جي منظوري ڪانسواءِ ماڻهن کي مليل سڪيورٽي واپس ورتي وڃي ۽ آئينده ڪنهن کي به ٽريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي جي منظوري ڪانسواءِ محافظ نه ملي سگهندا. هن هدايت ڪئي ته محافظ فراهم ڪرڻ لاءِ ملندڙ درخواستن تي سمورن اسٽيڪ هولڊرز کان راءِ وٺي بعد ۾ ڪميٽيءَ ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو وڃي. ڪمشنر سکر ڊويزن سمورن ڊي سيز ۽ ايس ايس پيز کي هدايت ڪئي ته ضلعي سطح تائين اقليتن جي معززن سان گڏجاڻيون ڪري سندن کان ملندڙ ٽريٽ بابت معلومات ورتي وڃي ته جيئن ڪنهن به شڪي ماڻهن تي ڪڙي نظر رکي فوري طور تي مقامي پوليس يا ڪنٽرول روم تي اطلاع ڏين هن چيو ته ڊويزن اندر امن و امان کي برقرار رکڻ لا لازم آهي ته عوام جي جان ومال جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي. ڪمشنر سکر ڊويزن هدايت ڪئي ته پوليس ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا تروڙي انتظامي آفيسر پاڻ ۾ رابطي کي مضبوط بڻائين ته جيئن ڪنهن به امڪاني اڻٿندڙ واقعي کان بچي سگهجي، ان موقعي تي ڪمشنر سکر چيو ته سنڌ جي گهرو ڪاتي پاران سنڌ اندر غير قانوني طريقي سان رهندڙ سمورن غير ملڪي کي پنهنجي وطن واپس ڪرڻ جي سلسلي ۾ نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو آهي ان ڏس ۾ ڊويزنل ليول تي ڪمشنر جي نگراني ۾ هڪ ڪميٽي پڻ جوڙي آهي جنهن ۾ پوليس رينجرز سميت سمورن ايجنسيز کي ميمبر بڻايو ويو آهي هن چيو ته هن آپريشن کي ڪامياب بڻائڻ لا سمورا اسٽيڪ هولڊرز ڪوآرڊينيشن کي يقيني بڻائن ۽ ان سلسلي ۾ غيرقانوني رهندڙن کي گرفتار ڪرڻ بعد سکر اندر مختص ڪيل جهه اندر سخت حفاظت هيٺ رکيو ويندو. ڪمشنر سکر ڊويزن سميع الدين صديقي تنهي ضلعن جي ڊيسيز ۽ ايس ايس پيز کي هدايت ڏيندي چيو ته ضلعن اندر پڻ ڪميٽي جوڙي سمورن ايجنسيز کي ميمبر رکيو وڃي. ان سلسلي ۾ سمورا اسٽيڪ هولڊرز پنهنجو هوم ورڪ مڪمل ڪن 10 ڏينهن بعد ان جو جائزو ورتو ويندو.

بقايا سنڌيار 39

۽ جي نوٽيس وٺڻ باوجود ڪشمور ڪنڌ ڪوٽ جي ايس ايس پي مير روحل کوسو کو تحرڪ نه ورتو شهيد جا ٻچا ۽ وارث اڄ به سراپا احتجاج بڻيل آهن ان سلسي ۾ ڳوٺ محمد امين جعفري ۾ اڄ وارثن پاران شهيد جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ گل حسن جعفري بالاچ خان محمد رمضان جعفري علي دوست جعفري عمران جعفري محمد عظيم جعفري ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته اسان شريف شهري آهيون اسان جي نوجوان کي ڪرمپور پوليس بيدردي سان گولين جو ڪاچ بڻائي اسان کان اسان جو گڀرو ڪسي ورتي هنن چيو ته اسان جي نوجوان کي وڏو منشي ڪي بي عرف ڪريم بخش ڏاهاڻي جهانگير چانڊيو سميت ڪجه ٻين پوليس وارن بنا ڪنهن ڏوهه جي ڄاڻي واڻي قتل ڪري اسان سان ظلم ڪيو آهي هنن جو وڌيڪ چوڻ هو اسان مسلسل احتجاج ڪري ٿڪجي پيا آهيون پر ڪشمور پوليس قاتلن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ اسان مٿان ناه لاءِ دباءُ وجهي رهي آهي اسان قاتلن جي گرفتاري لاءِ تنگوائي ۽ لاڙڪاڻو جي عدالت سگهوري جو در به کڙڪايو آهي جنهن قاتل پوليس اهلڪارن خلاف گرفتاري جا وارنٽ به جاري ڪيا پر پوليس پوءِ به ڪو ٻوٽو نه ٻاريو آهي احتجاج ڪندڙ ڳوٺائن الزام لڳايو ته قاتلن کي سياسي پنيرائي حاصل جيڪي سري عام نوڪري ڪن ٿا ۽ اسان کي ڌمڪيون به ڏين ٿا اسان مسڪين آهيون اسان جي ڌانهن وس وارن اعلي اختيارين سميت چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ چيف آف آرمي اسٽاف کي آهي ته هو اسان جي ڪيل احتجاج جو نوٽيس وٺي شهيد جي خون سان انصاف ڪن

بقايا سنڌيار 40

دورو ڪيو. ڪراچي فيبرل اردو يونيورسٽي ۽ سنڌ مدرسة السلام جي پي ايڇ ڊي اسڪالرن ڊاڪٽر شوڪت علي ڊاڪٽر روحي بانو ڊاڪٽر عابد آرزو ڊاڪٽر خالد معذالله حسن حبيب نور پروفيسر طيبه رئوف، رابيع اخلاق، بلال احمد سي ايف ڊبليو او جي محمد اڪبر سگا شاخ عرس سومرو جي منور سومرو ۽ ٻين گرين پارڪ مان مختلف وڻن ۽ انهي جي زمين جا نمونا ورتا ۽ نئون ڪوٽ ڊيبلو روڊ تان ڏاڄري ڍنڍ مان پاڻي مٽي جي نمونن جا سيمپل به ڪنيا ته ٿر ۾ ماحولياتي تبديلين ڪان ڪٿين بچجي ان موقعي تي اسڪالرن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان ماحولياتي تبديلين ڪري پوري دنيا ڪان تمام گهڻو متاثر ٿيندڙ ملڪ آهي جنهن ۾ خاص ڪري ٿرپارڪر جتي سپ ڪان وڏيڪ گرمي ۽ مون سون جي برساتن سبب مسلسل 10 سالن ڪان سيلاب جي ضد ۾ رهيو آهي ماحولياتي تبديلين تي تحقيق ڪرڻ لاءِ وڻن پاڻي مٽي جا نمونا ڪنيا آهن ته جٿين هتي مختلف قسمن جي پلانٽيش ڪئي وڃي جنهن ڪري هتان جي ماڻهن کي فائدو ملي سگهي جون جولائي جي مهينن دوران سخت گرمي سبب هتان جو ٽيمپريچر 45 سينٽي گريڊ ڪان به مٿي هوندو آهي اسان جي ڪوشش آهي ته ٿرپارڪر ۾ ماحولياتي تبديلين تي ڪم ڪيون ۽ بهتر نتيجا ملي سگهن.

بقايا سنڌيار 41

ميمڻ ۽ ٻين مغوين جي بازيابي راڻيپور کان سکر پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪانپوءِ احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري رات ڏينهن وارو احتجاج جاري رکيو ويو آهي 19 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود انصاف فراهم ڪندڙ عدليه ۽ حڪومت جي ڪنهن اداري نوٽيس نه ورتو آهي احتجاجي مرحلي جي سرواڻي ڪندڙ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر، مغوي اسلام سومرو جي والد محمد پريل سومرو، بلاول جاگيراڻي عطا محمد پتو ۽ ٻين ٻڌايو ته مغوين جي بازيابي لاءِ هڪ مهينو 17 ڏينهن کان جدوجهد ڪيون پيا سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي احتجاجن جو نوٽيس نه پيو ورتو افسوس جو مقام آهي ته نوٽيس وٺندڙن کي نه ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو نه ٻڌڻ. اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي ته ٻريا ڪماري، اسلام سومرو، علي حسن ميمڻ، واجد ٻڙدي ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ تڪڙا قدم کڻي مغوين جي وارثن جي بي چيني ختم ڪئي وڃي احتجاجي ڪئمپ تي سکر شهري اتحاد جو اڳواڻ مولانا عبيد الله ڀٽو ابن آزاد، فضل الرحمان پتو، جواد عباسي، جمشيد قريشي، محمد رضوان ۽ ٻين ڪئمپ تي اچي جدوجهد جي حمايت ڪئي ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته مغوين جي زندگي بچائڻ لاءِ تڪڙا قدم کنيا وڃن جيئن متاثر خاندانن جي بي چيني ختم ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 42

گريڊ ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۽ شاگردن کي شيلڊس ، ميڊل ڏيڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو . هن چيو ته سنڌ ۾ هزارين سرڪاري اسڪول بند پيل آهن ته وري هزارين سرڪاري اسڪول زبون حالت جو شڪار هجڻ ڪري انساني حياتين لاءِ خطرو بڻيل آهن، ته وري سنڌ جا سرڪاري اسڪول جديد دور ۾ تعليم جي معيار کي بلند ڪري نه سگهيا آهن جنهن جي ڪري اڳوڻي دور جي اندر حڪومتن جيڪو ڪردار نه ڪيو اهو هاڻي نگران وفاقي ۽ صوبائي سرڪار کي ادا ڪري تعليم کي ترقي ڏيارڻ گهرجي ، سنڌ جي اندر تعليم جي قابليت موجود آهي جنهن جو مثال دارلعلوم اسڪول جي شاگرديائين ۽ شاگردن جي پوزيشن حاصل ڪرڻ آهي ، ٽنڊو محمد خان جي هن علائقي جي اسڪول کي جيڪا سنڌ ۾ اهميت ۽ مان مليل آهي اهو اعزاز اڄان تائين برقرار آهي ، تقريب کي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو محمد خان نعيم سومرو مخاطب ٿيندي چيو ته هن علائقي ۾ وڏي تعداد هيٺ 48 اي ون ۽ 3 اي گريڊ جي پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۽ شاگردن جي پوزيشن مان اهو ثابت ٿيو آهي ته هن علائقي ۾ تعليم تمام گهڻي اڳتي وڌيل آهي جنهن ۾ سرڪاري اسڪولن جي معيار کي به اڄان وڌيڪ بلند ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن خانگي اسڪولن سان گڏ سرڪاري اسڪولن مان به پوزيشن حاصل ٿي سگهي ، تقريب کي سنڌ جي ناليواري ليڪ ڊاڪٽر انور علي عالماڻي مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌ جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ نياڻين جي تعليم اڄ جي جديد دور باوجود عيب سمجهي وڃي ٿي ، جنهن جهالت جي خاتمي لاءِ سنڌ جي ساڄاه وندن کي عملي طور اڳتي وڌڻ جي ضرورت آهي ، نياڻين جي تعليم کي اڳوڻي حڪومت لازمي قرار ڏيڻي عمل نه ڪيو، نگران سرڪار کي اُن تي عمل ڪرائڻ گهرجي ، تعليم جي ترقي لاءِ نياڻين جي تعليم لازمي هجڻ سان تعليم مضبوط ٿيندي ، سنڌ جي سرڪاري تعليمي ادارن ۾ نصابي ڪورس کي جديد تعليم سان متعارف ڪرائڻ پوندو ته اهو بهتر عمل ثابت ٿيندو . انهي موقعي تي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر جان محمد ميمڻ ، انڊس ميڊيڪل ڪاليج جي سي او ڊاڪٽر اقبال ميمڻ ، سنڌ جي ناليواري ليڪ زيب نظاماڻي ، پرنسپل رسول بخش پرڳڙي ۽ ٻين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۽ شاگردن ۾ شيلڊس ميڊل تقسيم ڪيا . انهي موقعي تي راڳين صوفيانا ڪلام ڳائي داد حاصل ڪيو.

بقايا سنڌيار 43

گريڊ ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائين ۽ شاگردن کي شيلڊس ، ميڊل ڏيڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو . هن چيو ته سنڌ ۾ هزارين سرڪاري اسڪول بند پيل آهن ته وري

بقايا سنڌيار 44

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي آفيسرن ۽ ڪميٽي ميمبرن شرڪت ڪئي. ڪمشنر سکر ڊويزن سميع الدين صديقي چيو ته ٽريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي جي منظوري ڪانسواءِ ماڻهن کي مليل سڪيورٽي واپس ورتي وڃي ۽ آئينده ڪنهن کي به ٽريٽ اسيسمينٽ ڪميٽي جي منظوري ڪانسواءِ محافظ نه ملي سگهندا. هن هدايت ڪئي ته محافظ فراهم ڪرڻ لاءِ ملندڙ درخواستن تي سمورن اسٽيڪ هولڊرز کان راءِ وٺي بعد ۾ ڪميٽيءَ ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو وڃي. ڪمشنر سکر ڊويزن سمورن ڊي سيز ۽ ايس ايس پيز کي هدايت ڪئي ته ضلعي سطح تائين اقليتن جي معززن سان گڏجاڻيون ڪري سندن کان ملندڙ ٽريٽ بابت معلومات ورتي وڃي ته جيئن ڪنهن به شڪي ماڻهن تي ڪڙي نظر رکي فوري طور تي مقامي پوليس يا ڪنٽرول روم تي اطلاع ڏين هن چيو ته ڊويزن اندر امن و امان کي برقرار رکڻ لا لازم آهي ته عوام جي جان ومال جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي. ڪمشنر سکر ڊويزن هدايت ڪئي ته پوليس ۽ ٻيا قانون لاڳو ڪندڙ ادارا تروڙي انتظامي آفيسر پاڻ ۾ رابطي کي مضبوط بڻائين ته جيئن ڪنهن به امڪاني اڻٿندڙ واقعي کان بچي سگهجي، ان موقعي تي ڪمشنر سکر چيو ته سنڌ جي گهرو ڪاتي پاران سنڌ اندر غير قانوني طريقي سان رهندڙ سمورن غير ملڪي کي پنهنجي وطن واپس ڪرڻ جي سلسلي ۾ نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو آهي ان ڏس ۾ ڊويزنل ليول تي ڪمشنر جي نگراني ۾ هڪ ڪميٽي پڻ جوڙي آهي جنهن ۾ پوليس رينجرز سميت سمورن ايجنسيز کي ميمبر بڻايو ويو آهي هن چيو ته هن آپريشن کي ڪامياب بڻائڻ لا سمورا اسٽيڪ هولڊرز ڪوآرڊينيشن کي يقيني بڻائن ۽ ان سلسلي ۾ غيرقانوني رهندڙن کي گرفتار ڪرڻ بعد سکر اندر مختص ڪيل جهه اندر سخت حفاظت هيٺ رکيو ويندو. ڪمشنر سکر ڊويزن سميع الدين صديقي تنهي ضلعن جي ڊيسيز ۽ ايس ايس پيز کي هدايت ڏيندي چيو ته ضلعن اندر پڻ ڪميٽي جوڙي سمورن ايجنسيز کي ميمبر رکيو وڃي. ان سلسلي ۾ سمورا اسٽيڪ هولڊرز پنهنجو هوم ورڪ مڪمل ڪن 10 ڏينهن بعد ان جو جائزو ورتو ويندو.

بقايا سنڌيار 45

ڪري جوڳي سزا ڏني وڃي نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ سياسي سماجي ڌرين جي ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو تفصيل مطابق سورجاڻي ٽائون يوسي 6 جي شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو , عدنان اظهار , مزمل بيگ , سنڌن دهشتگرد ساٿارين ۽ سنڌن سرڪاري سرپرست , دهشتگردن جي ساٿي سب انسپيڪٽر طارق خالد کي گرفتار ڪري جوڳي سزا ڏيڻ لاءِ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي نئين ڪراچي ٽائون صدر فدا رند اياز سولنگي عرفان پريو سان گڏ سورجاڻي ٽائون ۽ نئين ڪراچيءَ جي سياسي سماجي اڳواڻ معشوق ڪيڙو قربان خاصخيلي اظهر بروهي ۽ ٻين پاران سورجاڻي ٽائون جي شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن محمد بابو , عدنان اظهار , مزمل بيگ , سنڌن دهشتگرد ساٿارين ۽ سنڌن سرڪاري سرپرست ۽ دهشتگردن جي ساٿي سب انسپيڪٽر طارق خالد کي ان ڪيس ۾ گرفتار ڪري جوڳي سزا ڏيڻ ۽ 28 ڏينهن کان سب انسپيڪٽر پوليس طارق خالد پاران بيڏوهي باندي بڻائي رکيل آفتاب احمد بروهيءَ جي آزاديءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو مظاهرو ڪندڙن جي هٿ ۾ پلي ڪارڊ هئا, جن تي مٿي ڄاڻايل نعرا هئا اهي آپ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا ته بيڏوهي باندي بڻايل آفتاب بروهيءَ کي آزاد ڪريو ۽ شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جي اصل قاتلن کي گرفتار ڪريو احتجاجي مظاهرو ڪندي فدا رند معشوق ڪيڙو ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته شهيد ڪائونسلر محمد حبيب جا اصل قاتل سب انسپيڪٽر طارق خالد ۽ سندس ڏوهاري گينگ جا محمد بابو، عدنان اظهار , مزمل بيگ ۽ ٻيا ميمبر آهن جن مخصوص ڪراهت جوڳن مقصدن خاطر ڪائونسلر محمد حبيب کي شهيد ڪري اهو ڪيس اين ڊي پي سربراه ممتاز بروهيءَ جي پٽن مٿان ڪوڙو بهتان مڙهي 28 ڏينهن کان سندس پٽ آفتاب بروهيءَ کي ڪنهين گم ڪري ڇڏيو آهي

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن



روزاني سنڌيار
Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com